# سِنڌِي

# ٻال ڀارتي

## درجو ٻيون



Tele MANAS
National Tele Mental Health Programme
14416

# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريہ مانسڪ صحت ڪاريہ ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪزپاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيہ ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريہ ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 24 x 7 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هبڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي بہ مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريہ شئشڻڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

هي درسي ڪتاب راڄيہ شئڪشڻڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَيياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي ويئِي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَيياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/٤٣) ايس.ڊي.٤ تاريخ ٢٥-٤-٢٠١٦ موجب اِسٽاپٽ ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ١-٠٤-٢٠٢٦ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# سِنڌِي

# ٻال ڀارتي

## درجو ٻيون



٢٠٢٦

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَيياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پرواري چؤڪٽ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

پهريون ڇاپو : ٢٠٢٦ © مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-٤١١٠٠٤.

مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

**سنڌي ڀاشا سمتي**

شري اَشوڪ ڪملداس مکنا، سڀاپتي
شري وڃيه راڄڪمار منگلاڻي، ميمبر
ڪماري راڄيشري چيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر
ڊاڪٽر ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر
ڊاڪٽر وندنا اَشوڪ رامواڻي ميمبر
ڊاڪٽر اَميت گووندرام رامچنداڻي، ميمبر

**سنيوجڪ :**

شريمتي ميران مهيش گدواڻي،
(وشيش اَڌڪاري سنڌي) (و.ڪا)

**سنيوجڪ سهايڪ :**

شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

**نرمتي :**

شريمتي مِتالي شِتپ (اِنچارج مکيه نرمتي اَڌڪاري)
شري راڄيندر پانڊلوسڪر (نرمتي اَڌڪاري)

**جائزو ڪندڙ :**

شريمتي ڪنعيالعل ليکواڻي (چڪاس ڪندڙ)
شريمتي آشا چاندواڻي (قانوني ماهر)
شريمتي ڪرتيڪا گانڌاري (CWSN ماهر)
شري ڀڳوان آڏيياڻي (CWSN ماهر)

**پرڪاشڪ :**

شري هيمنت بابر
(اِنچارج ڪنٽرولر)
پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي-٢٥.

**ٽائيپ سيٽنگ :** ستنام ساکي، ميران چاولا
**چترڪار :** شرمتي براجني ري
**ڪوَرپيج :** شري ياٽو باگالي

**ڪاغذ :** ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو
**پرنٽنگ آرڊر :**
**ڇاپيندڙ :**

## ماسترن لاءِ هِدايتون

- سڀ بيت، گيت، گانا، سُرتال ۽ اِشارن سان اَداڪاري ڪري ڳارايو. وري وري دُهرائڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل چترن، ڳالهين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو. سوال پُڇو ۽ وڏيڪ ڄاڻ ڏيو.
- جوڙا ملائڻ لاءِ هڪ جوڙو توهين مِلائي، سمجهائي ٻيا جوڙا ٻارن کي ملائڻ لاءِ چئو.
- گفتگوءَ لاءِ ٻه ٻه ٻار يا گروپ ٺاهي پاڻ ۾ سوال پڇڻ جو اَڀياس ڪرايو. شاگردن کي سُهڻا اَکر لکڻ لاءِ همٿايو.
- اَلڳ اَلڳ وشين تي چرچا ڪرائي، پنهنجا ويچار پختائيءَ سان پيش ڪن، اِن ڳالهه کي همٿايو.
- نوان نوان لفظ، اُنهن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏسي، اُنهن جا جملا تيار ڪرايو جيئن شاگردن جو لفظي خزانو وڌي.
- اَکر جوڙي لفظ ٺاهڻ، لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- لئبرريءَ مان نيم سان ڪتاب وٺي پڙهڻ لاءِ چاهه پيدا ڪريو.
- اَلڳ اَلڳ وشين تي نيٽ ذريعي، ڪتابن ذريعي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري، اِن لاءِ مدد ڪريو ۽ ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- سکڻ سيکارڻ وڌيڪ اَثرائتو ڪرڻ لاءِ شاگردن کي وچ وچ ۾ رانديون، چرچا، پروليون سلڻ وغيره جهڙيون مشغوليون ڪرايو.
- اَلڳ اَلڳ ڇٽاپيٽين جو آيوجن ڪري اُن ۾ شاگردن کي ڀاڱ وٺڻ لاءِ همٿايو.
- خاص ضرورت هوندڙ ٻارن لاءِ سکڻ - سيکارڻ جي پرڪريا وقت اِشارا ٻولي (Sign Language) تيئن ٻيو ڪو پورڪ سيکارڻ جو طريقو ڪم آڻيو جيئن اُنهن تائين مواد چڱيءَ طرح پهچي سگهي. خاص ضرورت هوندڙ ٻارن کي جنهن طريقي سان ممڪن هجي اُن طريقي سان ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏيو جيئن اُنهن جا رد عمل توهين حاصل ڪري سگهو. اَلڳ اَلڳ مشغولين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو، سوال پڇو، ڄاڻ ڏيو.
- شاگرد مزي ۽ چاهه سان هر مشغوليءَ ۾ ڀرپور ڀاڱو وٺي ۽ اُنجو سکڻ آننددايڪ ٿئي اَهڙو واتاورڻ نرماڻ ڪري سيکاريو.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مڪمل طور خودمختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه ٺاهڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوِڙَ اُتڪَل، بَنگَ،
وِنڌيہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگَا،
اُڇڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس مانڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارَتَ ڀاڳيہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتِگيا

’ڀارت مُنهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي اِنجي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سُک سمايل آهي.‘

ڀارتيہ سنوڌان
باب - چوٿون اَلف

### بُنيادي فرض

قلم 51A

بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنسٿا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ ڀوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپوريتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سيني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سيني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سُڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ث) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سيني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هُجي.

# علمي حاصلات

| لياقت | علمي حاصلات | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ٩.١.١ | خاص نموني جا گيت ۽ بيت ٻڌڻ ۾ پنهنجو چاهه ڏيکارين ٿا ۽ وڻ جو ڪارڻ ٻڌائين ٿا. | ١، ٣، ٣٨، ٥٧، ٦٥، ٧٩ |
| ٩.١.٢ | ٢ کان ٣ پئرا جا گيت يا بيت يا ڪويتا ٻڌائي ٿو ۽ وري زور سان چئي ٻڌائي ٿو. | ٣، ١٩، ٤٦، ٦٥ |
| ٩.٢.١ | پنهنجن لفظن ۾ اَهڙيون يمڪ ننڍيون ڪويتائون تيار ڪن ٿا. | ١، ٣، ١٩، ٢٤، ٤٩، ٥٠، ٥٧، ٦٧، ٧٩ |
| ٩.٣.١ | گهٽيئي دفعا گُفتگوءَ ۾ ڏي وٺ ڪندي اُن گُفتگوءَ جي ڏورڪي پڪڙي ٿو. | ٢، ٤، ٨، ١٢، ١٥، ١٦، ٢٠، ٢٤، ٢٦، ٤٠، ٥٥، ٦١ |
| ٩.٣.٢ | ڪنهن هڪ وشيہ تي چرچا ۾ ڀاڱہ وٺي ٿو.<br>سوال پُڇي ٿو ۽ اُن لاءِ جواب ڏئي ٿو. | ٢٨، ٣٢، ٣٦، ٥٢، ٥٣، ٥٥، ٦١، ٧٨، ٧٩ |
| ٩.٤.١ | شرط سان گڏ سوچنا جو پالن ڪري ٿو (مثال جيئن برسات پوندي هجي تہ وڻن کي پاڻي نہ ڏئي. برسات نہ پوندي هجي تہ وڻن کي پاڻي ڏئي. | ٨، ٢٠، ٢٧، ٣٠، ٥٨ |
| ٩.٤.٢ | حسابي سوچنا سُني نموني ڏئي ٿو (دِشا درشڪ) فُرست جو وقت، طبعي اَنداز هوندڙ. | ١٢، ٢٨، ٥٦، ٥٨، ٦٤، ٦٦، ٦٧، ٧٨، |
| ٩.٥.١ | ليڪڪ جي آکاڻي لکڻ پنيان جي پريرڻا سمجهائي ٿو ۽ پاڻ ليڪڪ آهي اَهڙي ڪلپنا ڪري آکاڻي وري ٻڌائي ٿو. | ٢، ٩، ٣١، ٤١، ٤٣، ٥٤، ٥٩ |
| ٩.٦.١ | ڳتيل پلاٽ ۽ وڏيڪ ڪردارن واريون پنهنجيون آکاڻيون تيار ڪري ٿو. | ٧، ٣١، ٤١، ٤٣، ٥٤ |
| ٩.٧.١ | مواد ۾ آيل اَڻ ڄاتل لفظن جو مطلب سمجهڻ لاءِ ٻارن جي ڊڪشنري اِستعمال ڪري ٿو. | ١٣، ١٨، ٢١، ٢٨، ٣٢، ٣٨، ٥٠، ٥٩، ٦٢، ٦٥ |
| ١٠.٢.٢ | ساديون دم جون نشانيون صحيح طريقي اِستعمال ڪري ٿو. پورو دم، سوال جي نشاني. | ٣٨، ٤٤، ٥٥، ٥٩، ٧١ |
| ١٠.٣.٢ | گهڻ - اَکري لفظ (مرڪب اَکرسميت) بنا غلطيءَ پڙهي ٿو. | ٦، ١١، ١٤، ٢١، ٣٢، ٣٥، ٤٠، ٤٤، ٦٢، ٦٥، ٧٠، ٧٥، ٧٧، ٨٠ |
| ١٠.٤.١ | ننڍن ٽڪرن کي پڙهڻ، مناسب اُچار وِٿي ۽ آواز ۾ لاهِي چاڙهيءَ سان برابر پڙهي ٿو. | ١٠، ١٣، ٢١، ٢٦، ٣٢، ٣٤، ٤٤، ٤٥، ٤٦، ٥٩، ٦٨، ٧١، ٨٠ |
| ١٠.٥.١ | ڏسجندڙ چترن واري مواد کان لکيل ۽ ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ جي شروعات ڪري ٿو. | ٩، ١٧، ٢١، ٣٥، ٤١، ٥٩، ٦٢، ٦٨، ٧١ |
| ١٠.٥.٢ | ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، ڪردار، واقعا سُڃاڻي ٿو ۽ ليڪڪ جو نظريو سمجهي ٿو. | ٢، ٧، ٩، ٣١، ٤١، ٤٣ |

| لياقت | علمي حاصلات | صفحي نمبر |
|---|---|---|
| ۱۰.۶.۱ | ننڍا بيت پڙهي ٿو ۽ ڪويءَ جي ڪلپنا جو اَندازو لڳائي ٿو. | ۲۴، ۴۶، ۵۰، ۵۷، ۷۹ |
| ۱۰.۷.۱ | ننڍيون خبرون ۽ ڇپيل ساهتيہ پڙهي ٿو ۽ اِن جو مطلب ظاهر ڪري ٿو. | ۱۸، ۳۲، ۵۴، ۷۴ |
| ۱۰.۸.۱ | چٽرن جو سلسلو ناهي ٿو ۽ تنهن سان گڏ ننڍا جملا معياري لپيءَ ۾ آئيويتا جا اکرءَ سُرڪم آٽي لکي ٿو. | ۵، ۷، ۱۴، ۲۷، ۳۱، ۴۰، ۴۳، ۴۸، ۵۴، ۶۷، ۷۶ |
| ۱۰.۸.۲ | ننڍن جملن جي صورتخطي ڪري ٿو. | ۵، ۱۷، ۲۱، ۴۸، ۶۲، ۷۱ |
| ۱۰.۸.۳ | چٽرن جو سلسلو تيار ڪري ٿو ۽ اُن بابت ننڍا جملا بنا غلطيءَ لکي ٿو. | ۱۲، ۲۱، ۳۷، ۴۰، ۵۳، ۷۴ |
| ۱۰.۸.۴ | چٽر- ڪتاب مان اَندازو لڳائي ڪهاڻي لکي ٿو. | ۲، ۳۱، ۴۱، ۴۳، ۴۴، ۵۴، ۶۱ |
| ۱۰.۸.۵ | ڪاڏي جي شيءِ / ڪاغذ مان شيءِ تيار ڪرڻ جي مشغولي. ڪا راند ڪيئن ڪئي اِن لاءِ ۴-۵ جُملا لکي ٿو. | ۱۴، ۲۳، ۳۶، ۴۲، ۵۷ |
| ۱۰.۹.۱ | ڪتاب بابت پنهنجي پسند اَنوسار حقيقي ۽ خيالي ٻئي ڪتاب پڙهي ٿو. | ۹، ۱۷، ۲۸، ۵۲، ۷۱ |
| ۱۰.۹.۲ | اِسڪول جي لئبريءَ جي ڪتابن جي سنڀال رکي ٿو ۽ بهتر بندوبست ۾ ناهي رکي ٿو. | ۲۸، ۴۱، ۴۳، ۵۴، ۷۴ |

درجي ٻئين جي شاگردن کي سال جي اَندر گهٽ ۾ گهٽ مٿي ڏنل علمي حاصلات پوري ڪرڻ ضروري آهي.
عملي حاصلات جي پريم ڏنل صفحي نمبر ڪانسواءِ ٻين صفحن تي پڻ علمي حاصلات ٿي سگهي ٿي.

- ٽرنگي جهنڊي جا رنگ جيڪڏهن مناسب نہ هجن تہ اُهي ٽڪنيڪي ڪارڻ سبب ٿي سگهن ٿا.

★ درسي ڪتاب ۾ واپرايل نِشانيون ★



# پرستاوُنا

پيارا شاگرد دوستو،

توهان هن سال ٻئين درجي ۾ آيا آهيو. توهانجو تهدل سواڳت! درجي ٻئين جو سنڌيِ ٻال ڀارتيِ درسيِ ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشيِ ٿيِ رهيِ آهي.

درجي پهرين ۾ سنڌيءَ جي آئيويتا جا اَکر ۽ سُر جي نشانين مان توهان لفظ تيار ڪرڻ سکيا آهيو. پڙهڻ ذريعي توهين سِنڌي سُني نموني ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لِکڻ سکيا آهيو. درجي ٻئين ۾ توهانکي تمام گهڻيون نيون ڳالهيون سکڻيون آهن.

سنڌي ٻال ڀارتي درجي ٻئين جي درسي ڪتاب جي چترورنن، گيت، ڪويتا، پاٺ، آکاڻي، چِتر ڪٿا، لفظي خزاني تي آڌارت ڀاشا جون رانديون، ڀاشا جون ڳجهارتون، الڳ الڳ ڀاشا جون مشغوليون توهانکي نئين ريت سمجهڻيون آهن. درسي ڪتاب جي مذڪور موجب ڏنل الڳ الڳ چترن کي جاچي دوست ۽ ساهيڙين سان ڳالهه ٻولهه ڪيو ۽ تنهن سان گڏ گفتگو ڪريو. هرهڪ چتر چڱيءَ طرح ڏيان ۾ رکڻو آهي. درسي ڪتاب ۾ توهانکي پسند اَچن اَهڙا دلڪش ۽ ڳالهائيندڙ چتر ڏنا ويا آهن. اِنهن چترن ڏُواران سنڌي ڀاشا سکڻ توهان لاءِ آننددايڪ ۽ دلچسپ ٿيڻو آهي.

درسي ڪتاب جون ڪويتائون اَداڪاريءَ ۽ سُر تال ۾ ڳائڻ اَچڻ واريون آهن. اِهي ڪويتائون اَڪيلي سِرءِ گروپ ۾ پيش ڪرڻ وقت توهانکي ڀڪ ئيِ ڀڪ مزو ايندو.

درسي ڪتاب جي الڳ الڳ سبقن جي نون نون وشين کي سمجهڻو آهي. سبق ٻُڌڻ وقت، سمجهڻ وقت ۽ ٻڌائڻ وقت توهين ڀڪ اُن ۾ رمجي ويندا. سبقن جا الڳ الڳ وشيه توهانجي ڄاڻ ۾ وڌيڪ ۾ وڌيڪ اِضافو ڏيڻ وارا آهن ۽ تيئن ئيِ توهانکي مزو ڏيڻ وارا آهن.

ڪويتائن ۽ سبقن هيٺان ڏنل اَڀياس ٻہ توهانجي ويچار شڪتي وڌائڻ وارا آهن. اِن اَڀياس مان توهانکي ڀرپور ويچار ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي. لفظي خزاني تي آڌارت الڳ الڳ ڳجهارتن، راندين ۽ مشغولين ذريعي ڀڪ ئيِ ڀڪ توهانجو لفظي خزانو وڌڻ وارو آهي.

توهين سڀيئي هوشيار آهيو. درجي ٻئين جو درسي ڪتاب سکڻ وقت ڀڪ ئيِ ڀڪ توهان کي مزو ايندو.

ٻال دوستو ۽ ساهيڙيون توهان سڀني کي من سان تمام گهڻيون شُڀ ڪامنائون.

(اَنوراڌا اوڪ)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و
اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ۴.

پڻي
تاريخ : ۱۹ اَپريل ۲۰۲٦
ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ۲ ويساکہ ۱۹۴۸، اَکڻ ٽيج

# فهرست


## پاڱو - ١

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (١) | پرارٿنا (بيت) | ١ |
| (٢) | ٽَرٽَرٽَرٽَر (بيت) | ٣ |
| (٣) | نئنا جِي ڳُڏِي | ٧ |
| (۴) | ٻَڏي ۽ ٻِلُ | ٩ |
| (۵) | ڳانءِ | ١٣ |
| (٦) | ڪُنيَرُ | ١٧ |

## پاڱو - ٢

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (٧) | ڏِياري | ٢١ |
| (٨) | سائيڪِل (بيت) | ٢۴ |
| (٩) | مُنهِنجو اِسڪوُل | ٢٨ |
| (١٠) | اَخبار | ٣٢ |
| (١١) | ڪاڏو | ٣۵ |
| (١٢) | واهه ڙي تارا (بيت) | ٣٨ |

## پاڱو - ٣

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (١٣) | ٻَچت | ۴۴ |
| (١۴) | ماحول (بيت) | ۴٦ |
| (١۵) | ڀارت ديش مَهان (بيت) | ۵٠ |
| (١٦) | رَستي پارِ ڪَرَڻَ جا نِيَمَ | ۵۵ |
| (١٧) | ڪَسَرَتَ (بيت) | ۵٧ |
| (١٨) | ڪاجَلِ جو سَپِنو | ۵٩ |

## پاڱو - ۴

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (١٩) | صُبحَ جو سِئِرُ | ٦٢ |
| (٢٠) | گَهڙِيال (بيت) | ٦۵ |
| (٢١) | سالَ جا مَهِنا ۽ مُندوُن | ٦٨ |
| (٢٢) | ڀڳت ڪَنوررام | ٧١ |
| (٢٣) | ڪِتاب - ڀَنڊار | ٧۴ |
| (٢۴) | مُنهِنجِي اَمڙِ | ٧٩ |

# ا. پرارٿنا



ٻڌو ۽ ڳايو.

ا) تُنهنجي دَرِ تو نما سَدائين
عِلمُ، عَقُلُ، مونکي ڏي سائين.

٢) سَچي سُمَتِ ڏي مونکي خالِقَ،
ڪَريان وَڏَنِ جي شيوا مالِڪَ.

٣) ٻَڄان ويرُ ۽ آگياڪاري،
ڀارَتَ ماتا جو پوڄاري.

۴) مِينهَن مَهرَ جو تو وَسائين،
عِلمُ، عَقُلُ، مونکي ڏي سائين.

**هدايتون :** ماستر شاگردن کي پرارٿنا جي اَهميت سمجھائيندو. سُر تال ۽ اَداڪاريءَ سان چوائيندو. ماستر ٻارن کان ٻيون کھڙيون پرارٿنائون کندا آهن، اُن بابت پُڇندو. ڏکين لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان سمجھائيندو ۽ لکڻ لاءِ چوندو. لئبرريءَ مان ٻيا پرارٿنا جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# گِدَڙُ ۽ ڊاک (مُورِتُنِ ۾ آکاڻِي)

ڏِسو ۽ ٻُڌايو.



ڊاک سان ڀَرِيَل وَلِيُون



گِدَڙ جو ڊاک سان ڀَرِيَل وَلِيُون
ڏِسي خوش ٿِيَڻُ



گِدَڙ جو ڊاک کائِڻَ جي
ڪوشِشِ ڪَرَڻُ



لاچارِ ٿِي واپَسِ موٽَڻُ

**هدايتون :** ماستر شاگردن کان چترن ۽ نصيحت بابت ڳالهه ٻولهه ڪري اَداڪاريءَ سان آکاڻي پيش ڪرڻ لاءِ چوندو. آکاڻي پنهنجي لَفظن ۾ ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. اَهڙي نموني اِنٽرنيٽ تان ڏسي ٻيون آکاڻيون ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

# ٢. ٺَر ٺَر ٺَر ٺَر





**ٻُڌو ۽ ڳايو.**

سيءُ ڏڪائي ٺَر ٺَر ٺَر ٺَر
جَلدِ هَلو سَپُ گَهر گَهر گَهر گَهر

١. چؤماسي ۾ سوُرج لِڪندو،
بادَلَ وَسَندا جَهر جَهر جَهر جَهر

٢. ريل جَڏهِنِ ٿِي لَنگهي پَٽَنِ تان
ڪَندي وَجي ٿِي ڌَڙ ڌَڙ ڌَڙ ڌَڙ

٣. ڪَندي رهي ٿِي ٻِلي سَدائين،
نوُسِ نوُسِ چو دَر دَر دَر دَر

٤. هوا پِپرَ جي وَڻَ سان ڪيڏي،
ڪَندا رَهنِ پَن سَر سَر سَر سَر







**هدايتون :** ماستر شاگردن کان هم آوازي لفظن وارو گيت ڳارائيندو. هم آوازي لفظ ڪم آڻي نئون بيت ٺاهڻ لاءِ همٿائيندو. بيت ۾ ڏنل هم آوازي لفظ ٻولهڻ لاءِ چوندو.

## اَچو تہ سِکون

**(١) ٽُڪر پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.**

رَميش پيءُ سان گڏ ميلي تي ويو. هِڪ هَنڌِ پڃري ۾ بَندِ طوطو ڏِٺائين، اُهو کيسِ ڏاڍو وڻيو. سندس پِتا اُهو خريد ڪَري گهرِ کڻي آيو.

١. چِترَن هيٺان نالا لِکو.



................



................

٢. عدد بدلايو

| | |
|---|---|
| پڃرو | طوطو |
| | |

**(٢) ٽَں دَں سَں اِهي هم آوازي لَفظ آهِن.**

**هيٺ ڏِنلَ مِثال مؤجب بِيا هَم آوازي لَفظ ٺاهيو.**

مِثال : پَٽُ، مَٽُ، هَٽُ، ڪَٽَ، لَٽَ













## اَچو تہ لِکون

**اَکر گَڏي لَفظ لِکو ۽ پڙهو.**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| بَ دَ ڪَ | .................... | ٿُ وا لُ | .................... | نا ن ڳ | .................... |
| ڪَ ڪَ ڙُ | .................... | ڪَ ن ڊُ | .................... | نا ري لُ | .................... |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڏ ڪَ رُ | .................... | لَ غ ڙُ | .................... | رَ ن ڳ | .................... |
| با دَ لَ | .................... | عَ ط رُ | .................... | ن بَ ضَ | .................... |

# اَڇو تہ راندِ ڪَريون

## (۱) پروليُون ٻُڌايو.






۱) سائِي ٽوپِي، سائِي ساڙهِي،
اَندرِ آهي لِٻَہ لِٻَہ واري.

۲) وَڪَڙَ وَڪَڙَ گولُ گولُ،
رَسُ ڀَرِيو، عَجِيبُ ٽولُ.

۳) وَڻَ بہ پِڇَنِ ٿا، گھرَ بہ گھُمن ٿا،
ڇوُ ڇوُ ڇُڪِ ڇُڪِ گيِتَ ٻُڌِجَنِ ٿا.

۴) بہ تَلاوَ هِڪَ نَنڍِڙِي پُل،
آهِنِ ويجھو ئِي بِلڪُلُ.

## (۲) چوُڪُنڊِي جي خانَن جا اَکرَ ڪَمُ آڻي هِدايَتَ مؤجُب لَفَظَ ٺاهي لکو.

۱. هِڪُ گُلُ
۲. ڳانءِ جو هڪ عضوو
۳. هِڪُ جانوَر
۴. هِڪُ پَکي
۵. سُٺَ ڪَتَڻَ جو ساڌَنُ
۶. گھُمَڻَ جو هِڪُ هَنڌُ
۷. صَحيح جو ضِدُ
۸. روُمَ جو سِنڌِي لَفَظُ
۹. هِڪُ ميوو
۱۰. هِڪُ واهَڻُ

| | | | |
|---|---|---|---|
| گھ | ڪ | م | و |
| ب | چ | خ | ت |
| اَ | ه | ب | غ |
| ط | ل | ت | ي |
| ن | س | ر | گ |

## (٣) اَچو تہ راندِ ڪريون!




**هدايت :** ماستر شاگردن جون جوڙيون ٺاهي، راند بابت هدايتون ڏيئي راند ڪرڻ لاءِ چوندو.

# ٣. نئِنا جي گُڏِي

پڙهو ۽ ٻڌايو.









نئنا وَٽ هِڪ خوبصورت گُڏِي هُئي. هوءَ هر جاءِ تي گُڏِيءَ کي گڏ کڻي ويندي هُئي.

هِڪ ڏينهن نئنا گُڏِيءَ کي باغ ۾ وساري ويئي. جَڏهِن گهر موٽي تي تہ کيس ياد آيو تہ گُڏِي تہ باغ ۾ رهجي ويئي آهي! هوءَ جلدي سان واپس باغ ڏانهن وَيئي. هِڪ ڇوڪِرو گُڏِي هَٿَ ۾ کَڻي بيِنو هو.

"ڇا هيءَ تُنهِنجي گُڏِي آهي؟" ڇوڪري پُڇيو.

نئنا خوش ٿي ويئي ۽ چَيو، "ها، مِهرباني."

نئنا گُڏِي وٺي تي ۽ خوشيءَ سان گَهر موٽي تي.

**(ا) هيٺ ڏنل غلط سِلسِلي کي صَحيح سِلسِلي ۾ لِکو**

١. نئنا گُڏِي باغ ۾ وِساري آئي.

٢. باغ ۾ هِڪ ڇوڪِري نَئِنا کي گُڏِي موٽائي ڏِني.

٣. نئنا گُڏِي ڳولهَڻَ باغ ۾ ويئي.

٤. نئنا هر جاءِ تي گُڏِي پاڻَ سان گڏ کڻي ويندي آهي.

## (٢) اَچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون.

١. توهان کي ڪهڙو رانديڪو وڻندو آهي؟
٢. توهان کي رانديڪا ڪيرُ وٺي ڏيندو آهي؟
٣. نئِنا گُڏي ڪِٿي وِساري آئي؟
٤. نئِنا ڪَڏهن خوش ٿي؟

## (٣) ٽڪر پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

هِڪَ نَديءَ ۾ هِڪَ مَڇي پَنهنجي ٻِبي مَڇيءَ سان رَهندي هُئي. ٻِبي مَڇي مَستيءَ واري هُئي. هوءَ پيئي هِتي هُتي گهُمندي هُئي. هُن جي مَمي مَڇي هُن کي پيئي وَڏيُن مَڇيُن کان سنڀاليندي هُئي.

١. م سان شروع ٿيندڙ لفظ - ______ ٢. ب سان شروع ٿيندڙ لفظ - ______
٣. ضِد لِکو: نَنڍي - ______ ٤. ٽڪر ۾ ڏنل مَڇيءَ جي رهڻ جي جڳهہ ______

## اَچو تہ سِکون






## (١) هيٺيان جُملا پڙهو.

١. ڇوڪرو راند ڪَري ٿو. ٢. ڇوڪِرا راند ڪَن ٿا.
٣. ڪُتو ڀؤنڪي ٿو. ٤. ڪُتا ڀؤنڪَن ٿا.

مٿين جُملن ۾ ’ڇوڪِرو‘ ۽ ’ڪُتو‘ ٻہ هِڪُ آهي. هِنن کي ’عدد واحد‘ ڪري چئبو آهي. ’ڇوڪرا‘ ۽ ’ڪُتا‘ هِڪَ کان وَڌيڪَ آهِن. اِنهن کي ’عدد جمع‘ چئبو آهي.

مِثال سمجهي جُملا لِکو.

| عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|
| ڇوڪرو اَڇو ٿو. | ڇوڪرا اَڇن ٿا. |
| ڇوڪري راند ڪري ٿي. | ............ |
| ............ | اَسان ڪائون ٿا. |

هدايت: ماستر ٻارن کي آڪاٽيءَ جي نصيحت سمجهائيندو ۽ ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.

# ۴. ٻَڌِيءَ ۾ ٻَلُ

پڙهو ۽ ٻُڌايو.







هِڪ بُزرگَ کي چار پُٽَ هُئا، پَرَ اُهي پاڻَ ۾ سَدائِين پِيا وِڙهندا هُئا. بُزرگُ چِنتا ۾ هو تَہ هِنَ جي مَرَڻَ کانپوءِ ڇا ٿيندو؟ اِنهيءَ ڪري هُن هَرِهڪ کي هِڪَ هِڪَ ڪاٺي پَڃَڻَ لاءِ ڏِني. جيڪا ڇَئِنِي پاڻُرَنِ سوَلائيءَ سان پَڃِي ڏيکاري. پوءِ بُزرگَ سِيني ڪانِين کي مِلائي هِڪَ پَري ٺاهِي ۽ هَرِهڪ کي اُها پَري پَڃِي ڏيکارَڻَ لاءِ چَيو پَرَ سَڀُ ڪانِيوُن ڪَنِيوُن هُئَڻَ ڪَري، ڇَئِني پاڻُرَنِ مان ڪوبہ اُها پَري پَڃِي نہ سَگهِيو. تَڏِهِن بُزرگَ هِنَن کي چَيو تہ اِهو آهي ٻَڌِيءَ ۾ ٻَلُ. گَڏُ هوُندا تہ توهان جو ڪوبہ وارُ وِنگو نہ ڪَري سَگهَندو.

**هدايتون:** ماستر ايڪتا جي باري ۾ ٻيون آکاڻيون ٻُڌائيندو. ٻارن کان ايڪتا بابت سوال پُڇندو. ٻارن ۾ بزرگ ۽ پُٽن وچ ۾ ڪردار نِڀرائي ناٽڪ ڪرائيندو. ماستر 'اِصطلاح' سمجهائيندو. مثال : وارونگو نہ ٿيڻ.

(١) اَچو تہ ڳالھِ ٻولھِ ڪريون. 

١. ٻُزرگ کي گھٽا پُٽَ ھُئا؟

٢. چِنتا ۾ ڪيرُ ھو؟

٣. ڇِئِني ڀاڻُرن سؤلائيءَ سان ڇا ڀَڃِيِ؟

٤. ڀَري ڪيرُ نہ ڀَڃِي سَگھِيو؟

(٢) ساڳِئي معنيٰ وارن لَفظَن جا جوڙا مِلايو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | ٻُزرگ | ١. | ٻُڍُ |
| ٢. | چِنتا | ٢. | طاقَت |
| ٣. | ڀَري | ٣. | ڳَٽِني |
| ٤. | ٻَلُ | ٤. | وَڏِي عُمرِ وارو |

(٣) ھينِيان اَکر اِستعمال ڪري لَفَظ ٺاھِيو.

مثال: ٺي ڪا — ڪاٺِي

١. ر چا — ______

٢. ري پ — ______

٣. تَ پُ — ______

(٤) عددَ بَدِلايو.

١. ڪاٺِي ٢. چِنتا ٣. ڀَري ٤. ڀاءُ

(٥) تڪرپڙھو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

رام ڀَڄندي دوڙندي ڪِلاسَ تائين پَھُتو. پيرڊ چالوُ ٿي ويو ھو ۽ ماستر صاحب ھِڪَ شاگِردَ کان ڪِتابَ مان ڪويتا پَڙھائي رَھيو ھو. سَڀُ ٻارَ پَنھِنجي پَنھِنجي ڪِتاب ۾ ڌيان سان اَکيون کُپائي ٻُڌِي رَھيا ھُئا.

١. ______ — ڪ سان شروع ٿيندڙ ٻہ لفظ — ______

٢. ______ — پ سان شروع ٿيندڙ ٻہ لفظ — ______

# لَفظِي راندِ

## ١. چؤُڪُنڊِن وارا اَکَرَ ڪَٽِي لَفَظَ پوُرا ڪرِيو.

١) س — ___ ت — م ___ — ___ ت — ___ پُ

٢) ڳ — ___ چ — ___ لُ — ر ___ — پ ___

٣) ڏ — ڏُ ___ — ___ ڪُ — وا ___ — ___ ن ش

٤) ن — ___ ڪُ — ___ ٿ — پ ___ — ___ ر م

## ٢. ڏنگين مان مناسب اَکر چوُنڊي لَفَظَ پورا ڪريو.

١) ڊُ ڪ ___ (ل، ڻ، ق)

٢) ___ ظ ر (ن، غ، ظ)

٣) پ ___ ر (ٿ، ر، س)

٤) ب ل ___ (ب، س، ڪ)

٥) خ ___ چ (ج، پ، ر)

٦) ___ و پ (ز، ڪ، ڙ)

## ٣. هيٺين اَکرن سان شروع ٿيندڙ لَفَظَ لِکو.

١) گ

٢) م

٣) ط

٤) ز

٥) و

٦) ٻ

# چِترَ گُفتَگُو

چِتر ڏِسي هيٺ ڏِنل گُفتَگُو پوُرِي ڪَرِيو.



دوڪاندار : ..........

ڪومل : ..........

دوڪاندار : ..........

ڪومل : ..........

دوڪاندار : ..........

ڪومل : ..........

**هدايتون :** ماستر ٻارن کي گفتگو ڪرڻ سيکاريندو. ٻارن کي دوڪاندار ۽ گراهڪ جو ڪردار ٻڌائي گفتگو ڪرائيندو. ماستر هينيان سوال پُڇي ٻارن جي ڄاڻ وڌائيندو. مثال : (١) توهانکي وڻندڙ ميون جا نالا ٻڌايو. (٢) چترِ ۾ توهان کي ڇيو ڇا ڇا نظراَچي رهيو آهي؟ (٣) توهانجي گهر ۾ ڪهڙا ڪپڇندڙ ڀاڄين جو اَندازلڳو.

# ٥. ڳانءِ

پڙهو ۽ لِکو.



هيءَ ڳانءِ آهي. هِنَ کي ٻہ ڪَنَ، ٻہ اَکيوُن، ٻہ سِڱَ، هِڪُ واتُ، چارِ ٽَنگوُن ۽ هِڪُ ڊِگهو پُڇُ ٿِيندو آهي. ڳانءِ کيرُ ڏِينديِ آهي. کيرُ اَسان پيئَندا آهِيوُن. کيرُ طاقَت ڏِيندو آهي. ڳانءِ ڪَکِڙا، گاهُہ ۽ ٻُڙ کائيِنديِ آهي. ڳانءِ کي اَسان ماتا چَوندا آهِيوُن. ڳانءِ تَمامُ ڪَهَڻو ڪارائتو جانِوَرُ آهي.

## (١) اَچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون.

١. ڳوٺ ڇا ڪائيندي آهي؟

٢. ڳوٺ ڪهڙو جانور آهي؟

٣. ڪن ٻه ٻن پالتوُ جانورن جا نالا ٻڌايو.

٤. توهان کي ڪيرَ مان نهيَل ڪهڙيوُن شيوُن وڻنديوُن آهن؟

## (٢) اَچو ته سوچيون.



ڏنل عضوا ڪهڙن جانورن جا آهن؟ سُڃاڻو.

| | |
|---|---|
| ١. مُنهن .......................... | ٢. ڳِچي.......................... |
| ٣. پُٺي .......................... | ٤. پُڇ .......................... |
| ٥. اَڳيان پير .......................... | ٦. پُٺيان پير .......................... |

هدايتون : ماستر شاگردن کان ڳوٺ بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو. پالتو جانورن بابت پڇندو. ڪنهن به هڪ جانور بابت اِنٽرنيٽ تان چاڻ حاصل ڪري لکڻ لاءِ چوندو.



# اَچو تہ سِکون



## (١) اِسمَ جي جِنسَ

سَڀُ ساهوارا ٻِن جِنسُن جا ٿيندا آهن.
هِڪڙا نَرُ يا پُرُش ۽ ٻِيا مادي يا اِستري.

ڇوڪِرو - ڇوڪِري        مَردُ - زالَ
ڪانءُ - ڪانويلِي        مورُ - ڏيلَ



’نَرُ‘ جِنسَ کي جِنسَ **مُذڪر** چئبو آهي.
’مادي‘ جِنس کي جِنس **مونَث** چئبو آهي.

## (٢) هيٺ مُذڪر ۽ مونَث جا جوڙا مِلايو.



| | |
|---|---|
| ١. ماسي | باندري |
| ٢. ڏاچي | ٻِڪِري |
| ٣. باندرُ | هاٿِڻ |
| ٤. ٻَڪَرُ | ماسَڙُ |
| ٥. هاٿي | اُٺُ |



## (٣) مثال سمجهي چؤڪنڊن ۾ جواب لکو.

| جنس مُذڪر | جِنس مونث |
|---|---|
| ڇوڪرو بازار وڃي ٿو. | ڇوڪري بازار وڃي ٿي. |
| مور نچي ٿو. | .............................................. |
| .............................................. | مون ڪبوتري ڏٺي. |
| راجا رٿ ۾ ويٺو. | .............................................. |
| ڊاڪٽر اِسپتال ۾ آهي. | .............................................. |

# ٦. ڪُنڀَرُ

ٻُڌو، پڙهو ۽ لِکو.









ڪُنڀَرُ مِٽيءَ جا ٿانوَ ٺاهِيندو آهي. اُن لاءِ مِٽيءَ کي ڪُٽي سَنهو ڪَندو آهي. پوءِ مِٽيءَ کي ڇاڻِيندو آهي. نَنڍا بَرتَنَ چاڪ تي چاڙهي ٺاهِيندو آهي. وَڏا بَرتَنَ هَٿَ سان ٺاهِيندو آهي. بَرتَنَ تيار ٿِيڻ کانپوءِ اُسَ ۾ سُڪائِيندو آهي. پوءِ باهِہ جي کوُري ۾ وِجهِي پَچائِيندو آهي. پَنجَنِ ڏِينهَنِ ۾ بَرتَنُ تيار ٿِي وِيندو آهي. ڪُنڀَرُ دِلا، دِلِيوُن، مَٽَ، مَٽِڪيوُن، دَڪَڻ، ڪُنا ۽ گُهگِهيوُن ٺاهِيندو آهي.

(١) اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪريون.

١. ڪُنڀَرُ بَرتَنَ چا مان ٺاهِيندو آهي؟

٢. وَڏا بَرتَنَ ڪَنهِنَ سان ٺاهِيندو آهي؟

٣. بَرتَنَ تيار ٿِيڻ کانپوءِ ڪِٿي سُڪائِيندو آهي؟

٤. بَرتَنَ گَهَٽِنِ ڏِينهَنِ ۾ تيار ٿِيندا آهِنِ؟

٥. بَرتَنَ ڪِٿي پَچائِيندو آهي؟

(٢) عَدَدَ بَدِلايو : ١. مَٽِڪو ٢. ڪُنو ٣. گُهگهِي ٤. ڪوُرو

(٣) اَسانجا مَدَدَگار :

(الف) مان ڪير؟

١. مان ڪَپڙا سُبَندو آهِيان. ٢. مان بَس هَلائِيندو آهِيان.

٣. مان ڪَپڙا ڌوئِيندو آهِيان. ٤. مان زيوَرَ ٺاهِيندو آهِيان.

(ب) سُڃاڻو ۽ لِکو.









هدايتون : ماستر شاگردن کي ڪُنڀر بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائي ممڪن هجي تہ ڪُنڀروٽ وٺي وڃي وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو. ماستر شاگردن کي ٻين پيشن بابت جيئن تہ مزور، درزِي، موچي، سونارو وغيره بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ڄاڻ ڏيندو.

# جو کِيرُ پيئي

بِڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



جو کِيرُ پيئي،

سو ويرُ ٿِئي.

ڏَند زورُ وَٽَنِ،

سُنا سُهِڻا لَڳَنِ.

اَکِيُنِ جوت وَڌي،

ڏادِي سوُنهَن ٿِئي.

وَٽي زورُ بَدَنُ،

لِڱَ چُستُ ٿِيَنِ.

کِيرُ صَفا سُٺو،

واهِه ڏادِو مِٺو.

بارو! اَچو پيئُون، پَري کِيرَ وَٺِيوُن،

سَڀِ زورُ وَٺوُن، پِي کِيرُ وَڌوُن،

ڏي کِيرُ اَمان! پِي پَڙهَڻَ وَڃان






هدايتون: ماستر شاگردن کان بيت سُر تال ۾ ڳارائيندو. بيت مان هم آوازي لَفَظ ڳولهڻ لاءِ چوندو. کِير جي اَهميت سَمجهائيندو. کِيرمان ڪهڙيون شيون ٺهنديون آهن اُن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ اِنٽرنيٽ تان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ چوندو.

# ٧. ڏِياري



گُلاب، اَڄُ ڏِياريءَ جي راتِ آهي. ڏِسُ سَڀُ گَهرَ ۽ دُڪانَ روشنيءَ ۾ ڪيئن پِيا چِمڪَنِ! گَهرَنِ ۽ دُڪانَنِ جي مَٿان بِجليءَ جا رَنگَبِرَنگِي بَلِبَ پِيا ٻَرَنِ. ڪِنِ گَهرَنِ ۾ ميڻَ بَتِيوُن ۽ ڏيِئا قَطارُنِ ۾ پِيا ٻَرَنِ.

ڪَهِڙو نہ وَڻندَڙُ نِظارو آهي! گَهٽيءَ روشِنائيءَ سَبَبِ راتِ بہ ڏينهَن وانگُرُ پيئِي لڳي. سَڀُ ٻارَ ۽ وَڏا ڦَٽاڪا پِيا ٻارِنِ. ڪي چِٽِڳائِي تيلِيوُن پِيا ٻارِنِ تہ ڪي هَوائِيوُن پِيا اُڏائِينِ.

ڪي ٻارَ رَسُگُلا ۽ مِٺائِي کائِي رَهِيا آهِنِ. ماڻهوُ گَهرَ ۾ 'لِڪشِمي' ماتا جي پوُڄا ڪَري رَهِيا آهِنِ. ڪي ميلوُڙَا ٻاري، هَٿَنِ ۾ ڪٽِي چَئِي رَهِيا آهِنِ، ''ڏِياري ماتا آئِي، نَنڍِي وَڏِي جوتِ جَڳائِي. ڏِياريءَ جو ڏيِئو ڏِنو، نَنڍو وَڏو چِيڙُ مِنو'' مَطِلَبُ تہ سَڀُ ماڻِهوُ اَڄُ ڏاڍِي موُج ۾ آهِنِ. سَڀِئي گَڏِجِي خوشِيوُن پِيا مَلهائِينِ.

(١) اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريون. 

١. گهَرَ ۾ دُڪانَ ڪيئَن پيا چِمڪَنِ؟

٢. ڏِياريءَ ڏينهُن ماڻهوُ ڪَنهِن جي پوڄا ڪَري رَهيا آهن؟

٣. ڏِياريءَ ڏينهُن ماڻهوُ ميلوُڙا ٻاري ڇا ڇَئِي رَهيا هُئا؟

٤. ڇَئِنِ مِنائِنِ جا نالا لِکو.

٥. ڏِياريءَ کان اَڳ توهان جي گهر ۾ ڪَهِڙيوُن تيارِيوُن ڪندا آهيو؟

(٢) هيٺيان خالَ ڀَريو.

١. ڪِنِ گهَرَنِ ۾ ميڻ بَتيوُن ۽ ڏيئا ................ ۾ پيا ٻَرَنِ.

٢. سَڀُ ٻارَ ۽ وَڏا ..................... پيا ٻارين.

(٣) هيٺ ڏِنَلَ سِٽُنِ ۾ بيهڪ جون نِشانيوُن اِستعمال ڪَري وَري لِکو.

١. ڪهِڙو نہ وَڻندڙ نِظارو آهي

٢. ڪي ميلوُڙا ٻاري هَٿَنِ ۾ کَڻي ڇَئِي رَهيا آهن

(٤) ٽُڪرُ ڌيان سان پڙهو ۽ سوال جو جواب لِکو.

ميران ڏياريءَ جي موڪلَ ۾ مُنهنجي ڳوٺَ ۾ اَچڻ واري آهي. اَسان پوءِ ڏاڍو مَزو ڪَنداسين. قِلعا ٺاهِينداسين، فانوسا تيار ڪَنداسين، ڏيئَن کي سُهڻا رَنگ لَڳائيِنداسين. مان تُنهِنجي لاءِ مِنائِي وَٺِي ايندس. تُنهِنجا پيارا ڪِتاب وَٺِي ايندس. توکي ضرور وڻندا.

- ڏياريءَ ۾ توهين ڇا ڇا ڪَندا آهيو؟

(٥) هيٺ ڏِنَلَ ڳُجهارَتَ مان 'ڏِڻَ' ڳولهي لِکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| چ | هو | لِي | تَ | نَ |
| ڏ | ٽَ | س | ر | و |
| يا | ڏَ | لَ | مو | را |
| ري | ڙي | بَ | ري | تِ |
| اِي | د | هوُ | ڪَ | ري |
| ڪِ | رَ | س | مَ | س |

## (٦) هيٺِ ڏِنلَ چِتر جاچي ڏِڻ سُڃاڻو.









**هدايتون:** ماستر شاگردن کان ڏياريءَ بابت ۽ ٻين ڏِڻن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو. اِنٽرنيٽ ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ڪنهن بہ هڪ وڏنڊڙ ڏڻ تي چارپنج جملا لکڻ لاءِ چوندو.

# ٨. سائيڪِل

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



بابي آندي سائيڪَل،
مُنهنجي اُن سان آهي دِل،
اُٿي صُبوح جو صاف ڪَرِيان مان،
لانگ ورائي چَڪَرَ ڏِيان مان.



ڪيڏو مون سان ساٿُ نِيائي،
مِنٽن ۾ اِسڪول پَهچائي.
ڪَري پڙهائي موٽان جَڏهِن،
اِيندي نَچِندي ٽِپَندي تَڏهِن.
ڪِپي نه ڊيزَل يا پيٽرول،
نه ئِي وڌو ڪو هُن جو مول.





هدايتون : ماستر شاگردن کان بيت سُر تال ۾ اَداڪاريءَ سان چوائيندو. پنهنجي سائيڪل بابت ڳالهه ٻولهه ڪري ٻڌائڻ لاءِ چوندو ۽ گوگل تان اَلڳ اَلڳ واهڻ ڏيکاري اُن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو. شاگردن کي وڻندڙ راند ۽ ترت علاج بابت سوچنائون لکڻ لاءِ چوندو.

## (١) اَچو تہ ڳالھِ ٻولھِ ڪَريون.

١. سائيڪَلِ ڪَنھِن آندي؟
٢. سائيڪَلِ ڪيئَن ھَلي ٿي؟
٣. ڪارِ لاءِ ڇا ضروري ھوندو آھي؟
۴. صُبح جو ٻارُ ڇا ٿو ڪَري؟
۵. ڪويءِ جي ڪلپنا مؤجب سائيڪل ھلائڻ مان ڪَھِڙا فائدا آھن؟

## (٢) مِثال سَمجھي جُملَن جو سِڌو رُوپ لِکو.

| جُملو | سِڌو رُوپ |
|---|---|
| مِثال : مُنھنجيِ اُن سان آھي دِلِ. | مُنھنجيِ اُن سان دِل آھي. |
| ١. لانگ وِرائي چَڪَرَ ڏِيان مان. | ........................................ |
| ٢. ڪيڏو مُون سان ساٿُ نِڀائي. | ........................................ |

## (٣) ڏِنگيَن مان مُناسِب جَواب ڳولھي خال پَرِيو.

١.  سائيڪَلِ ۾ ............ ڦيِٿا ھوندا آھن. (ھِڪ، ٻہ، ٽي)
٢.  بيل گاڏِيءَ ۾ ........... ڦيِٿا ھُوندا آھن. (ٻہ، ٽي، چار)
٣.  آٽو رڪشا ۾ ............ ڦيِٿا ھوندا آھن. (ٽي، چار، پنج)
۴.  ڪار ۾ ............ ڦيِٿا ھوندا آھن. (چار، پنج، ڇھ)

## (۴) ڏِنگين ۾ ڏِنل لَفظَن مان گول ۾ ڏِنل لَفظَ جو ھَم آوازي لَفظُ ڳولھي لِکو.

| | ڏِنل لفظ | ھم آوازي لفظ | ڏِنگيون |
|---|---|---|---|
| مِثال : | دِلِ | مِلِ | ( مِلِ، سال، جھل ) |
| ١. | مول | | ( وال، تول، مال ) |
| ٢. | ساٿ | | ( رٿ، وٿ، ناٿ ) |
| ٣. | ڪيڏو | | ( جيڏو، وڏا، ڏاڏو ) |
| ۴. | چَڪَرُ | | ( ڇُڪرِ، لاڪر، ڪَڪَرُ) |

## (٥) ٽُڪرُ پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

ڪبيرِ ڪارتڪ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هِن کي پنهنجو دوستُ ٻڌايو. هاڻي ڪبير ڪارتِڪ کي پڙهائيءَ ۾ مَدَدَ ڪرڻ لڳو. ڪارتڪُ هاڻي سِڀني وِشيَن ۾ پاسِ ٿِيڻَ لڳو. ڪارتڪ بہ ڪبيرَ کي پنهنجي ڪمپيوٽر تي اَلڳہ اَلڳہ ڳالهِيون سيکارڻ لڳو.

١. ڪبيرُ ڪنهِن کي ڏِسي خوش ٿِيو؟

٢. ڪبيرِ ڪارتڪ کي ڇا ۾ مَدَدَ ڪرڻ لڳو؟

٣. ضد لِکو: خوش، دوست

٤. ڪارتڪُ ڪبيرَ کي ڇا سيکارڻ لڳو؟

## (٦) ٽُرت عِلاج

اِسڪول ۽ راند جي ميدان تي هميشه ٽُرت عِلاج پيٽي هُونديِ آهي.



رميش اِسڪوُل جي ميدان تي سائيڪل هلائيندي ڌِڪو کاڌو. اُن جي پير مان رَتُ وَهڻَ لڳو. هوُ اُٿي بہ نہ پيو سگهي. دوستُ ڊُڪَ پائي اِسڪوُل مان ٽُرت عِلاج پيٽي کڻِي آيو. زَخمَ کي ڊيٽالَ سان صافُ ڪَري ٽِنڪچر آيوڊين لڳائِي.

اَچو تہ ڏِسون ٽُرت عِلاج پيٽيءَ ۾ ڪهڙو سامانُ هوندو آهي؟



### ٽُرت علاج پيٽي

- دستانا
- ڊيٽال باٽِل
- پلاسٽر
- ڪپهہ
- بئنڊيڊ
- آيوڊيڪس
- ڪَئِنچي
- ٿرماميٽر
- مَلَم پٽي
- بورڪ پائوڊر
- وِڪس گوريوُن
- بُخار جي گوري
- ٽِنڪچر آيوڊين باٽِل
- اَئنٽي - سيپٽِڪ ٽِيوُب

# اَچو تہ سِکُون

هيٺ ڏِنَل چِترَ جاچِيو ۽ مُناسِبَ سِلسِلي مؤجُب نَمبرَ لِکو.



# ٩. مُنهِنجو اِسڪُولُ

ٻُڌو ۽ لکو.










هيءُ مُنهِنجو اِسڪُولُ آهي. اِسڪُولُ جي عمارَت عاليشان آهي. مان روز اِسڪُولُ اِيندو آهيان. اِسڪُولُ جي اَڳيان نَنڍڙو باغُ ۽ پُٺيان کُشادو رانديُن جو ميدان آهي.

اِسڪُولُ جا ڪِلاس روشن ۽ هوادار آهِنِ. ڪِلاسَنِ جا دَرَ ۽ دَرِيوُن آمهون سامهون آهِنِ. جيئَن هَوا جو گُذر ٿِي سَگهي. اِسڪُولُ ۾ هِڪ وَڏِي لَئبرِرِي، سُهِڻو ڊرائنگ هال، سائنس لئباريٽري، جديد ڪامپيوُٽر روم پڻ آهي. خاص ضَرورَت وارَنِ ٻارَنِ لاءِ سَهوليَتون ميسَرِ ٿِيل آهن. مِثال رئمپ، وهيل چيئَر، ڪَمبوڊ وغيره.

اِسڪُولُ جا سِپيئِي ماستَرَ آزموُدگار ۽ مَحِنَتِي آهِنِ. سَپيئِي ماستَرَ هَرِ ٻالِهه پيار سان سيکارِيندا آهِنِ.

هيڊماستر صاحِبُ اِنتَظامَ جو ڏاڍو پُخَتو آهي. جَنهِنِ ڪَري هَرِ ٻالِهه مُقرَرِ وَقَت تي ٿِيندِي آهي. هوُ نه صِرف پَڙهائيءَ تي ڌيانُ ڏِيندو آهي، پَرَ اُن سان گَڏوگڏ وَقِت بِه اَلِڳه اَلِڳه مَشغوُلِيوُن پِڻُ ڪَرائِيندو آهي. هيڊ ماستر اِسڪُولُ جي سِپني ٻارن ۽ اِينڊڙ دِويانگه ٻارن کي مدد ڪرڻ لاءِ هِمٿائيندو آهي.

## (۱) اَچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون.

۱. اِسڪولُ جي عِمارَت ڪيئن آهي؟

۲. ميدانُ ڪِٿي آهي؟

۳. اِسڪولُ جا ڪلاس رُوم ڪيئن آهِن؟

۴. اِسڪولُ جو اِنتظام ڪيرُ سَنڀاليندو آهي؟

۵. اِسڪولُ جي ميدان تي توهان ڪَهڙيُون رانديُون ڪَندا آهيو؟

## (۲) خالَ ڀَرِيو.

۱. مان روز .................... ايندو آهيان.

۲. اِسڪولُ جي اَڳيان نَنڍڙو ..................... آهي.

۳. اِسڪولُ ۾ هِڪ وَڏي ..................... آهي.

۴. هيڊماستر صاحبُ ..................... جو ڏاڍو پُختو آهي.

## (۳) مُناسِب مُتبَدَل جوابَ ڳولهي لِکو.

| | |
|---|---|
| ۱. اِسڪولُ : (الف) گِهنڊُ<br>(ب) آسمان<br>(پ) دَستَرُ | ۲. عِمارت : (الف) ميدان<br>(ب) لِفِٽ<br>(پ) جهوپڙي |
| ۳. باغُ : (الف) پيِنگها<br>(ب) گُلَ<br>(پ) ٽارازي | ۴. پيارُ : (الف) سِڪ<br>(ب) غُصو<br>(پ) ناراض |

## (۴) خاڪو پُورو ڪَرِيو.

'مَ' سان شروع ٿيندڙ لفظ

(٥) خاڪو پورو ڪريو.

| | |
|---|---|
| | |
| سَبَق جا اَنگريزي لَفظ | |
| | |

## اَچو ته سِکون.

(١) اِسڪول جي اَسيمبليءَ ۾ ڪلاس جي مانيٽر سوچنائون ڏئي ٿي.



١. سَپيئي ٻارَ قطارَ ۾ بيهو.
٢. هَٿ جوڙي پرارٿنا لاءِ تيار ٿيو.
٣. پرارٿنا ڏيان سان ٻڌي ڳڏجي چئو.
٤. پرتگيا لاءِ تيار ٿيو.
٥. سَڀُ ڳڏجي راجيہ گيت ڳائيندا.

(٢) ماستر پڪنڪ کان اڳ ٻارن کي ڪهڙيون سوچنائون ڏيندو؟

(٣) اِسڪول جي ساليانی جلسي مَلهائڻ بابت هيڊ ماستر ڪهڙيون سوچنائون ڏيندو؟






هدايتون : ماستر شاگردن کان پنهنجي اِسڪول بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو. ڊويانگ ٻارن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ميسر آهن پنهنجي اِسڪول تي چارپنج جملا لکڻ لاءِ چوندو.

# شينهن ۽ ڪوئو (مورتن مان آکاڻي)

ڏسو، جاچيو ۽ ٻڌايو.



**هدايتون :** ماستر مورتن جي آڌار تي شاگردن کي آکاڻي ٻڌائيندو. ٻارن جي آزمودي جي آڌار تي ماستر ٨ کان ١٠ جملن تائين شاگردن کي ٻي ڪا ننڍي آکاڻي، ناٽڪ يا گفتگو ٻڌائي ۽ انهن کي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

# ١٠. اَخِبار

بُڌو ۽ پڙهو.







ڏاڏو : پُٽَ ممتا، اَخبار وارو آيو آهي؟

ممتا : ها دادا! اَخبار وارو آيو آهي، مان اَخبار ڏيانوَ ٿي.

ڏاڏو : شاباس!

ممتا : دادا، روز توهان اَخبار ڇو پڙهندا آهيو؟

ڏاڏو : پُٽَ، اَخبارَ مَطلبُ دُنيا جُوُن خَبَرُوُن. سَڄي دُنيا ۾ ڇا وَهي واپري ٿو، سَڄي ڄاڻ اَخبار مان مِلندي آهي.

ممتا : واهه، مَطلب ڪهِڙيوُن خبرُوُن؟

ڏاڏو : ممتا پُٽَ، هَرِ قِسَم جي خَبرَهوُندِي آهي. اَچ مان توکي ڏيکارِيان.

ممتا : اَخبارَ جو نالو بہ هوُندو آهي.

ڏاڏو : ها پُٽَ، هاڻي ڏِسُ، هَرهڪ خَبرَ مَٿان هيڊلائين هوندي آهي ''پرڌان مَنتريءَ جو اوڙيسا دؤرو'' ڏِسُ هِن خَبر ۾ ٻُڌايل آهي تہ ڪالهہ اَسان جي پرڌان مَنتريءَ اوڙيسا ۾ ٢٥٠ ميگاواٽ بِجلي مَرڪز جو مَهورَت ڪيو. هاڻي ڪيترَنِ ئي ڳوٺَنِ ۾ بِجلي پَهُچَندي.

ممتا : واهہ، مَطلَب اَڄ ڳوٺَنِ ۾ تَرقي ٿي رَهِي آهي.

ڏاڏو : بِلڪُل بَرابَر، اَڄ ڀارَت ديش هَرِ ڪيتر ۾ تَرقي ڪَري رَهيو آهي. ڪِرڪيٽ مَئِچ ۾ اَسان جي ٻالِڪائُن وَرلڊ ڪَپ کٽيو.

ممتا : مَطلب راندِيُن، وِندُرَ تازِيُوُن گهٽنائون، سڀُ ڳالهِيوُن اَخبار ۾ مؤجوُد آهن.

ڏاڏو : ها پُٽَ. توکي بہ روز اَخبارَ پَڙهڻُ گُهرجي. اِن مان توکي پَڙهَڻَ جي اَڀياس ۾ واڌارو ٿيندو. نَوان نَوان لَفظ توکي مِلَندا. اُنهَنِ جي مَعنيٰ لاءِ توُن ڊِڪشَنَريءَ جو اِستعمال ڪَري سَگهين ٿي.

ممتا : ها، دادا مان روز اَخبارَ پَڙهَندَسِ.

(١) اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريوُن.

١. تَوهان مان ڪَنهنجي گهرَ ۾ اَخبارَ ايندي آهي؟
٢. خَبروُن حاصُل ڪَرڻَ جا ڪهڙا وَسيلا آهن؟
٣. توهان ڊِڪشَنَريءَ جو اِستعمال ڪيئَن ڪَندا آهيو؟

(٢) رِشتا ٻُڌايو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. پيءُ جو پيءُ - | | ٢. پيءُ جي ماءُ - | |
| ٣. ماءُ جو پيءُ - | | ۴. ماءُ جي ماءُ - | |
| ٥. پيءُ جو ڀاءُ - | | ٦. ماءُ جو ڀاءُ - | |

## (٣) هِڪَ لَفَظَ ۾ جَواب ڏِيو.

١. هِڪَ راجِيَہ جو نالو - [ ]   ٢. هِڪُ اَنگريزِي لَفَظُ - [ ]

٣. بِجِليءَ جو ايڪو - [ ]   ۴. هِڪَ رانِدِ جو نالو - [ ]

## (۴) مُناسِب مُتبَدَل جَواب ڳولهِيو.

١. خَبرَنِ جو وَسيلو : (الف) ريڊِيو (ب) دَروازو (ب) پِيتِ

٢. ساراهہ لَفظُ : (الف) واهُ (ب) واهِ (ب) واهِ

٣. 'سَنسار' لاءِ لَفَظُ : (الف) گهرُ (ب) پاڙو (ب) دُنيا

۴. اوڙِيسا : (الف) هِڪُ شَهرُ (ب) هِڪُ ديشُ (ب) يارَتَ جو هِڪُ راجِيَہ

## (۵) هيٺ ڏِنَلَ خاڪي مان جُمِلا ٺاهِيو.

| | | |
|---|---|---|
| مان | ڪتاب | پڙهان ٿو |
| تَوهان | اَخبار | پڙهي ٿِي |
| هوءَ | | پڙهو ٿا |

## (٦) ٽُڪر ڏيان سان پڙهو ۽ مشغوليون پوريون ڪريو.

دليپ جي پاڙي ۾ هِڪُ نَئون پَريوار رَهَڻَ لاءِ آيو. اُن پَريوار ۾ صِرفَ بہ جَڻا هُئا. هِڪُ ٻارُ ۽ سَندس ماءُ. ٻارَ جو نالو ڏرموُ هو. دِليپَ سان گڏُ پڙهَندو هو. هِنَ جي ماءُ شانتِ سُياءَ جي ۽ ڏرموُ هِڪدَمِ نِهَٺو ۽ سَباجهو ٻارُ هو.

١. پَريوار ۾ گهڻا جَڻا هُئا؟

٢. ڏرِموءَ ۾ ڪهِڙا گُڻَ هُئا؟

٣. ش ۽ س سان شروع ٿِيندڙ هِڪُ هِڪُ لَفَظُ لِکو.

هدايتون : ماستر شاگردن کي اَخبار بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائي اَخبار پڙهڻ لاءِ همٿائيندو. لئبرريءَ مان اَخبارون اُن جا مُکيہ سِرا اَسيمبليءَ ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

## ١١. ڪاڏو

پَڙهو ۽ عَمَلَ ۾ آڻيو.



راجا کي چاڪِليٽَ، ڪيڪَ ۽ بِسڪيٽَ وَڻَندا آهِنِ. هوُ مانيءَ جي وَقِت دالِ، چانوَرَ ڀاڄِيوُن ۽ ڦُلِڪا نہ کائِي فَقَطِ اُنهَنِ شَيُنِ جي گُهرَ ڪَندو آهي.

**راجا:** مَمِي موُنکي ڪيڪُ ڏِيو.

**ماءُ:** پُٽَ هاڻي مانِي کائِڻَ جو وَقِتُ آهي. هَرِ وَقِت ڪيڪُ کائِڻُ سُٺِي عادَتَ نہ آهي. گَهڻا ڪيڪَ کائِڻَ سان هاضِمو خَرابُ ٿِئي ٿو.

**راجا:** پَرَ مَمِي، موُنکي ڪيڪُ وَڻَندو آهي. موُنکي چانوَرَ ڦُلِڪا وَغيرَهہ نہ وَڻَندا آهِنِ. موُنکي مَهرِباني ڪَري ڪيڪُ ڏِيو.

**پيءُ:** پُٽَ، توُن بِسڪيٽَ ۽ ڪيڪَ تہ شامَ جو چانهِہ جي وَقِت کائِي سَگهِين ٿو. ڪيڪَ، بِسڪيٽَ ۽ چاڪليٽَ وَڌِيڪ کائِڻَ سان ڏَندَ ڪَمزورُ ٿِيندا آهِنِ.

پُٽِڙا، توکي جاڻَ هُئَڻُ گُهرِجي، تہ دالِ، چانورَ ۽ ڦُلِڪا اَسان جي بَدَنَ کي شَڪتِي ڏِيَنِ ٿا. ڀاڄِيوُن ۽ ميوا اَسانجو هاضِمو سُٺو رکَنِ ٿا.

**راجا:** نيِڪ آهي، مَمِي. اَڄِ کان مان دال چانورَ ڀاڄِيوُن ۽ ڦُلڪا ضرورُ کائِيندُس.

## (١) اَچو ته ڳالهِه ٻولهِه ڪريون.

١. راجا کي ڇا کائڻ وڻندو آهي؟

٢. گھَٽا ڪيڪَ کائڻ سان ڇا ٿِئي ٿو؟

٣. ڪھِڙيون شيون اَسانجي بَدَن کي شَڪتي ڏِين ٿِيون؟

## (٢) اَچو ته سِکون.

مِثال : ڪبوتَر، تارازي، شيشو، ٻلي، مَسُ

آئيويتا جي سِلسِلي مؤجب لَفَظ: ٻلي، تارازي، شيشو، مَسُ، ڪبوتر

مِثال سَمجھي چوڪُنڊي ۾ ڏِنل لَفَظَ آئيويتا مؤجب لِکو.

| ڪيڪ، ڦُلِڪو، دالِ، عادَت، مَمي، چانوَرَ، شَڪتي، هاضِمو، ڏَند |
|---|

| | | |
|---|---|---|
| ١. | ٢. | ٣. |
| ٤. | ٥. | ٦. |
| ٧. | ٨. | ٩. |

---

هيٺ ڏِنل ڪھِڙيون شيون گھڻي اَنداز ۾ کائڻ/پيئڻ نُقصانڪار آهن.




---

هِدايتون : سيني اَناجن جي اَهميت سمجھايو. ڪاڌي ۾ ڀاڄيون مکيه هئڻ گھرجن. جُدا جُدا ميوا کائڻ لاءِ سمجھايو. ڀرپور پاڻي پيئڻ لاءِ چئو. کائڻ کان اَڳ ۽ پوءِ هٿ ۽ وات صاف ڪرڻ لاءِ چئو. ماستر شاگردن کي فاسٽ فوڊ (پيزا، برگر) کائڻ مان ٿيندڙ نقصانن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندو.

# اَچو تہ ڏھِي پورِي ٺاھِيُون

## ڏِسو. جاچِيو ۽ ٺاھِيو.

### گُھربَلُ سامانُ


لوُڻُ


سَنھو سِگَرُ


ڪارِي بوُنديِ


ساوا ڌاڻا


پورِيوُن


وِلوڙِيَلَ مني ڏھِي


ڳاڙھا مِرچَ


چاٽِ مَصالحا









## طريقو

۱. پورِيوُن ڪٽِي اُن ۾ ٽُنگُ ڪَرِيو.

۲. ٽُنگُ ڪَيَلَ پوُرِي ۾ بوُندِي وِجھو.

۳. ھاڻي اُن ۾ وِلوڙِيَلَ مِني ڏھِي وِجھو.

۴. پوُرِي ۾ مَٿان مِرچَ، لوُڻُ، چاٽِ مَصالحو، سَنھو سِگَر وِجھِي ساوَنِ ڌاڻَنِ سان سَجايو.

---

**هدايتون :** ماستر شاگردن کي ڏِسي، جاچي، گھربل سامان گڏ ڪري ڏھِي پورِي ٺاھڻ لاءِ چوندو. ساڳِيءَ ريت ماستر ٻارن کي ٻيل ٺاهڻ لاءِ حسابي سوچنائون لکي اَچڻ لاءِ چوندو. جيئن تہ ٻہ ڪٽوريون مُرا مُرا .... وغيره.

# ١٢. واهه ڙي تارا



ٻڌو ۽ ڳايو.

واهَه ڙي تارا، گولُ تارا

روشَنُ تارا، چِلڪي وارا.

سانجهيءَ ٽاڻي نِڪرو ٿا،

اُڀ سَجي ۾ پَکِڙو ٿا.

چِلڪو، چِمڪو ساري راتِ،

ڪَجي اَوهانجي ڪَهڙي باتِ.

راتِ لنگهي ويئي باقي چا،

اِوهين ٻَڌايو واتَ اِها.

جوتِ اَوهانجي جي نَہ هُجي،

واٽهڙو ڪَر واتَ مُنجهي.

**هدايتون :** ماستر شاگردن کي ڪنهن وشيہ تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرائي نئون بيت تيار ڪرڻ لاءِ چوندو. ٽيليسڪوپ ذريعي تارا ڏسڻ لاءِ سوچنائون ڏيندو.

## (۱) اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون.

۱. تارا ڪَڏھِن نِڪرَن ٿا؟

۲. تارا ڪِٿي پَڪِڙجي وَڃِن ٿا؟

۳. تارا مُسافِرَن جي مَدَدَ ڪيئَن ڪَن ٿا؟

۴. آسمان ۾ تارن کان سواءِ توهان ٻيو ڇا ڏسندا آھيو؟

## (۲) جوڙا مِلايو.

| الَف | ب |
|---|---|
| ۱) اُپ سَجي ۾ | ۱) ساري راتِ |
| ۲) چِلڪو چِمڪو | ۲) پَڪِڙو ٿا |
| ۳) اوِھين ٻَڌايو | ۳) ڪَھِڙي باتِ |
| ۴) ڪَجي اوَھانجي | ۴) واٽَ اِھا |

## (۳) بيت پوُرو ڪَريو.

۱. راتِ لَنگھي ويئي ...................... واٽَ مَنجھِي.

## (۴) ھينئِيَن جا ھَمَ آوازِي لَفَظَ لِکو.

تارا → 

ساري → 

راتِ → 

واٽَ → 

## (۵) ساڳِئي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ڳولھي لِکو.

چِمڪَندڙ، سانجھِي، واٽَھڙو، اُپ، چِلڪي وارا،
شام، مُسافر، آسمانُ، وقت، ٽاٽي

## (٦) رات جي آڪاش جو نظارو ڪيو. اُن ۾ تارا، چَنڊ، گِرھہ ڏيکاريو.

## (۷) جيڪڏھن سِجُ نہ نِڪري تہ ڇا ٿيندو؟

# چِترَ گُفتَگوُ

ڏِسو. جاچيو ۽ گُفتگوُ ڪَرِيو.



**هدايتون :** شاگردن جا جوڙا ٺاهي، گُفتگوُ ڪرايو. مِثال ڦوڪڻي وارو - ٻار، ڪرياني جو دوڪاندار - گراهڪ، وغيره ۽ سوال پُڇي، توهانکي چِترم ۾ ڇا ڇا نظر اَچي ٿو؟

# راجڪُمار سِڌارٿ

ڏِسو، جاچيو ۽ لِکو.



| |
|---|
| ھَٽُ، ھَنجِ، وَڻ، تَڪلِيفَ، ڏَيالوُ، مَلَمَ |

راجڪُمار سِڌارٿ ھِڪ ڏِينھن باغ ۾ .................... ھيٺان وينو هو. اَچانڪ هُنَ جي .................... ۾ ھِڪُ زَخمِي ھَنسُ اَچِي ڪِريو. زَخمِي ھَنسُ .................... وَچان ڦَٿڪِي رَھِيو هو. سِڌارٿ تہ هو ئِي .................... ھَنسَ جا زَخَمَ صاف ڪَري اُنھن تي .................... لَڳائِي. اُن بعد سِڌارٿ ھَنس تي آهِستي آهِستي .................... ڦيرڻ لَڳو.

ھدايتون : ماستر شاگردن کان مناسب لَفَظَ خالن ۾ وِجھڻ لاءِ ڳالھہ ٻولھہ ڪرائيندو. شخصي طور ٻارن کي آڪاٽي ٻُڌائڻ لاءِ هِمٿائيندو. اَهڙا ٻيا ڪتاب لئبرريءَ مان پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

ڏِنگِيَن مان صَحِيح لَفَظَ ٻولهي جَواب لِکو.

مان آسمان ۾ اوُچو اُڏامِي سَگهان ٿو.

مان ڪير؟ ______



( باز، ڪُڪڙ )

مان مَڌُرُ گِيتَ ڳايان ٿِي.

مان ڪير؟ ______



( ڪوئل، طوطو)

مُنهِنجو وَزَنُ تَمامُ وَڏِيڪَ آهي.

مان ڪير؟ ______



( هاٿِي، مَڇَرُ)

مان ٻِنِ پيرَنِ تي هَلندو آهيان.

مان ڪير؟ ______



(هَرَڻُ، اِنسانُ)

مون کان ڪوُئا ڏَڪندا آهِنِ.

مان ڪير؟ ______



( ٻَڪرِي، ٻِلِي )

مان جَهَنگَلَ جو راجا آهيان.

مان ڪير؟ ______



( شِينهُن، لوُمڙ )

# لوڀِي ڪُتو

ڏِسو. جاچيو ۽ لِکو.

چتر ڏِسي هيٺ ڏِنلَ آکاڻيءَ جا جُملا سِلسليوار ٺاهي لِکو.







١. هِڪڙو ڪُتو هو.

٢. اُها ڪٽِي وات ۾ وِڏائين.

٣. هُن هِڪَ هَڏِي ڏِٺي.

٤. هُن هِڪُ ٻِيو ڪُتو اُن تَلاءَ ۾ ڏِٺو.

٥. جَنهِن جي مُنهن ۾ هَڏِي هُئِي.

٦. ڪُتو هِڪَ تَلاءَ تي آيو.

٧. هوُ پڻُنڪِيو ۽ هُن جي وات مان هَڏِي تَلاءَ ۾ ڪِرِي پيئِي.

٨. هُن اُها هَڏِي پِڻُ کائِڻُ چاهِي.

٩. اَهڙِيءَ طَرَح لوڀِي ڪُتي اُها هَڏِي بہ وِڃائِي.

**هدايتون :** ماستر ٻارن کان آکاڻيءَ جي نصيحت جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. لئبرريءَ مان ٻيا آکاڻيءَ جا ڪتاب وٺِي پڙهڻ لاءِ هِمٿائيندو.

# ١٣. بَچَتِ

پڙهو، لِکو ۽ عَمَل ۾ آڻيو.



پُوجا رانديڪَنِ جي هِڪَ دُوڪان تي ويئي. دُوڪاندارَ کيسِ ڪيترائي رانديڪا ڏيکاريا. پُوجا کي هِڪَ ڊانسنگ ڊالِ (گُڏي) ڏاڍي وَڻي. دُوڪاندارَ اُن گُڏيءَ جي قيمَت ٽي سؤ روپيا ٻُڌائي. گُڏيءَ جي قيمَت ٻُڌي پُوجا جو مُنهُن لَهي ويو. پُوجا وَٽ فَقَط ويهَ روپيا هُئا. پُوجا ڪُجهه سوچيو ۽ گَهرِ موٽي آئي. پُوجا کي سَندسِ پِتا هِڪُ پِندارو وَٺي ڏِنو هو. هوءَ هاڻي روزُ پَنهنجي خَرچي بَچائي پِنداري ۾ جمع ڪرڻ لڳي. ٽي سؤ روپيا جَمع ٿيڻَ تي هوءَ رانديڪَنِ جي دُوڪانَ تي ويئي ۽ اُها گُڏي خَريد ڪَئي. اَڄ پُوجا ڏاڍي خوش هُئي. هُنَ پَنهنجي بَچَتِ ڪَيَلَ پَئِسَنِ مان گُڏي خَريدِ ڪَئي هُئي.

**(١) اَچو تہ ڳالھِ ٻولهِ ڪريون.**

١. پوڄا کي ڪھڙو رانديڪو وڻيو؟

٢. ڳُڏيءَ جي قيمَت ڪِھڙي ھُئي؟

٣. پوڄا کي سَندس پِتا ڇا وَٺي ڏِنو؟

۴. ٽي سؤ روپيا جَمَع ٿِيَڻ تي پوڄا ڇا ڪيو؟

٥. توھانکي روز جيڪا خَرچِي مِلَندي آھي اُن مان توھِين ڇا ڪندا آھيو؟

**(٢) پوڄا ڳُڏي خَريد ڪَرَڻ لاءِ پَئِسَن جي بَچَت ڪِيئَن ڪَئي. لِکو.**

**(٣) ٻرئڪيٽ ۾ صَحيح جُملي لاءِ 'ھا' ۽ غَلَط جُملي لاءِ 'نہ' لِکو.**

١. ڳُڏيءَ جي قيمَت پَنجَ سؤ روپيا ھُئي. [ ]

٢. پوڄا بَچَتِ جي پيسَن مان ڳُڏي خَريد ڪئي. [ ]

٣. پوڄا کي سندس پِتا ھِڪ سائيڪل وَٺي ڏِني. [ ]

**(۴) ھيٺ ڏِنل خاڪو پورو ڪريو.**

[ ] — 'ڙ' سان شروع ٿِيندڙ لَفَظ — [ ]

**(٥) 'دوڪاندار' ۾ پِڇاڙي 'دار' آھي. ڇؤڪُندي مان اُھي لَفَظ ڳولهي لِکو، جن ۾ 'دار' پِڇاڙي لڳائي لَفَظ ٺاھي سگهجي ٿو.**

| |
|---|
| زمين، بادل، ھوا، ٻُوند، وَفا، شَڪتِي، ڪِتاب، شان |

**(٦) ٽُڪرُڏيان سان پڙھو. اُن تي چار سوال تيار ڪري ٻڌايوءَ لِکو.**

جڳديش چندربوس ھِڪ مَشھوُر سائنسدان ھو. ھن جو جنم بَنگال جي ڍاڪا ضلعي جي ھِڪ نَنڍي ڳوٺ ۾ ٣٠ نومبر سن ١٨٥٨ع تي ٿيو. ھُن کي نَنڍي ھوندي کان رامائڻ ۽ مھاڀارت جا ڪِتاب پڙھڻ وڻندا ھُئا. ھوُ پڙھڻ ۾ تَمامُ ھوشيار ھو. وِلائت جا ماڻھو ھِن کي اوپر جو جادوگر ڪَري چوندا ھُئا.

ھدايتون: ماستر شاگردن کي بچت جي اُھميت سمجھائيندو ۽ پيسن کان سواءِ ٻيون ڪھڙيون شيون بچائي سگھجن ٿيون، اُن بابت ڳالھ ٻولھ ڪرائيندو. بچت ڪرڻ لاءِ همٿائيندو ۽ بچت تي ٻي کا ڳالھ ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

# ١۴. ماحول

ٻُڌو ۽ ڳايو.



اَڇو تہ اَسان وَڻَ لَڳايون
پَنھِنجو آس پاس سُھِڻو بَڻايون

پاڻ گَڏِجي گُل لَڳايون
صَفائيءَ بابت ڄاڻ ٻُڌايون
سُٺي صِحَت پَنھنجي بَڻايون
پَنھِنجو آس پاس سُھِڻو بَڻايون



آلو ڪَچرو اَلڳ ڪريون
سُڪو ڪَچرو اَلڳ ڪريون
ڪَچرو ڪُنديءَ ۾ رکون
پَنھِنجو آس پاس سُندر بَڻايون




ھِڪ ھِڪ وَڻُ اَسان لَڳايون
وَڻَنِ کي پاڻي اَسان ڏِيون
چوڌارِ گُل - ڦُل لَڳايون
پَنھِنجو آس پاس سُندر بَڻايون

## (١) اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪَريون.

١. ڪِچرو ڪِٿي رکندا؟

٢. وڻَنِ کي ڇا ڏِيَڻُ گُهرجي؟

٣. اَسان کي ڪَهِڙي ڄاڻَ هُئَڻُ گُهرجي؟

٤. چوڌارِي تَوهان ڇا لَڳائيندا؟

## (٢) لَفَظَنِ کي سِلسِليوار ٺاهي جُمِلو لِکو.

١. ڪِچرو اَلڳ ڪَريو آلو ..........................................................................

٢. ڏِيوُن اَسان پاڻِي وڻَنِ کي ..........................................................................

٣. آس پاس پَنهنجو ٻَڻايوُن سُندر..........................................................................

٤. گَڏجي پاڻَ لَڳايوُن گُلُ ..........................................................................

## (٣) ٽُڪر ڌيان سان پڙهو ۽ مشغوليون پوريون ڪريو.

لوينا سُٺي ڇوڪري هُئي. هُن اِسڪوُل جي ميدان تي سوني مُنڊي لَڌِي. اُها هُن ٽِيچر کي ڏِني. ٽِيچر هُن جي پُٺِي ٺَپرائي ساراهَ ڪَئِي. ڪُجهہ وَقت کانپوءِ هِڪَ ٻُڍڙِي مُنڊِي ڳولهيندِي هُتي آئِي. ٽِيچر ٻُڍيءَ کي مُنڊِي ڏِني. ٻُڍڙيءَ لوينا جا شُڪرانا مڃيا.

١. لوينا ڪهڙي ڇوڪري هُئي؟　　٢. لوينا اسڪول جي ميدان تي ڇا لڌو؟

٣. مُنڊِي ڳولهيندي ڪير آيو؟　　٤. ٻُڍڙيءَ ڪنهن جا شُڪرانا مڃيا؟

## (٤) اَچو تہ ٻُڌايون.

توهان ماحول ۾ ڪَهِڙا ميوَنِ جا وَڻَ ڏِٺا آهِن؟ سَڃاڻو.



______________　______________　______________　______________　______________

هدايتون : ماستروڻن جِي اَهميت، گُلن، صِحت ۽ صفائِيءَ بابت ٻارن کي ڄاڻ ڏيندو. ڪويءَ جي ڪلپنا مؤجب پنهنجو گهرۦ ماحول ڪيئن صاف ۽ صحتمند رکجي اُنهن کان ويچار پڇندو.

(٦) ڏِسو. ٽُبڪا جوڙِيو ۽ ٺَهيَلَ چِترَ ۾ رَنگ پَرِيو ۽ مَڇيءَ
تي نندي ڪويتا لِکو.



# ١٥. ڀارت ديش مَهان

ٻُڌو ۽ ڳايو.



اَسانجو ڀارت ديش مَهان،
ساريِ دُنيا ۾ سَڀ کان وَڏِ،
جَنهِنجو اوُچو شانُ،
اَسانجو ڀارت ديش مَهان.

رَنگ ڀيدَ جو ڪو بہ نہ جَهَڳِڙو،
پَنهِنجو پَنهِنجو ڌَرمُ نِڀايوُن،
ڪَڏهِن بہ ڪَنهِن سان ڪونہ ڦِٽايوُن،
اَسانجو ڀارت ديش مَهان.

آزاديِ اَڌِڪار مَڃيوُن ٿا،
اَهنسا سان سَڀُ پِيارُ ڪَرِيوُن ٿا،
نَفِرَت کان ٿا ڪَرِيوُن ڪِنارو،
اَسانجو ڀارت ديش مَهان.

## (۱) اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريون

۱. اَسين ڇا نِيايوُن ٿا؟
۲. اَسان ڇا سان پيار ڪَريوُن ٿا؟
۳. قوميِ ڏڻَ ڪهِڙا آهِن؟
۴. اَسين پارتواسي ڪَنهن ڪان ڪِنارو ڪَريوُن ٿا؟

## (۲) اَچو تہ سوچيون.

اَسانجي ديش ۾ اَسين سڀيئي گڏجي ڪيئَن رَهوُن ٿا؟

## (۳) بيت مان هَم آوازي لَفظَن جا جوڙا لِکو.

## (۴) پارت جوُن قوميِ نِشانيوُن ڏِسو. جاچيو ۽ ڏِيان ۾ رکو.

قومي وَڻُ



ٻڙُ

قومي رانڊِ



هاڪي

قوميِ نَدي



گَنگا نَديِ

قوميِ جل واسيِ جانور



ڊالفِنِ

قوميِ نِشانيِ



اَشوڪ ٿَنڀو

قوميِ جانور



بَنگال جو چيِتو

---

**هدايت :** ماستر صاحب ٻارن کي ديش ڀڳتيءَ جا گيِت ڳڏ ڪرڻ لاءِ اُتساهِت ڪندو ۽ ڪويءَ جي ڪلپنا مؤجب راشٽريہ ايڪتا بابت ڄاڻ ڏيندو. ماسترنوَنِ لفظن لاءِ ڊڪشنريِ اِستعمال ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.

# سُوالِي لَفَظَ لِکو

هينئَينِ لَفَظَنِ سان سُوال ٺاهِيو ۽ لِکو.

ک

- کَهِڙو
- ڪيرُ
- ڪيترو
- ڪيئن
- ڪَڏهن
- ڪِٿي
- ڪِٿان
- ڪنهن

مِثال : نِيرجا ڪيترا روپيا خَرچ ڪَيا؟

هدايت : ماسترشاگردن کي سوالي لفظن بابت چاڻ ڏيئي ڳالهه ٻولهه ڪري سوال ٺاهي ٻڌائڻ ۽ لکڻ لاءِ چوندو.

# سَهو ۽ ڪُمِي

## پَڙهو ۽ لِکو.







ڪُمِي ۽ سَهي هِڪَ ڏِينهن ڊوڙ جِي شَرِطَ لَڳائِي.
سَهي کي پَڪَ هُئِي تہ هوُ اِها شَرِطَ ضرور کَٽَندو.
چو تہ سَهو تيز ڊوڙ پائِي سَگهندو هو ۽ ڪُمِي آهِستي آهِستي
هَلندي هُئِي. سَهو ڊوڙَنَ لَڳو. هن سوچِيو تہ ڪُمِي تہ اَڃان ڪوئہ
پَهُتِي هوُندِي، سو سَهو وَڻَ هينان ڇَڏِي ڇانوَ ۾ سُمهِي پَيو. ........

..............................................................................

..............................................................................

..............................................................................

..............................................................................

**هدايتون :** ماستر شاگردن کان آکاڻيءَ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائي آکاڻي ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. ٻيا آکاڻيءَ جا ڪتاب لئبرريءَ مان وٺي پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# ١٦. رَستي پارِ ڪَرَڻَ جا نيم

ٻُڌو، لِکو ۽ ڌيان ۾ رکو.




دادِي : مَهيش، ترسُ، رَستو پارِ نہ ڪَرِ.

مَهيش : چو، دادِي؟

دادِي : سامهوُن نِهارِ ڳاڙهِي بَتِي پيئِي ٻَري.

مَهيش : دادِي، ڳاڙهِي بَتِيءَ جو مَطِلَبُ چا آهي؟

دادِي : ڳاڙهِي بَتِيءَ جو مَطِلَبُ آهي تہ تَرسو.

مهيش : دادِي، هاڻِي تہ نارنگِي بَتِي ٻَرِي آهي.

دادِي : مطلَب آهي تہ تياري ڪَرِيو. سائي بَتِيءَ جو مَطَلَبُ آهي وَڃو.

مهيش : رَستي تي هِي اَڇا پَٽا چو لَڳَلَ آهِنِ؟

دادِي : اِهي رَستو پارِ ڪندڙنِ لاءِ آهِنِ.

مهيش : جتي بَتِي نہ هُجي، اُتي رَستو پارِ ڪيئَن ڪَنداسين؟

دادِي : اُتي پَنهِنجي ساڄي ۽ کابي پاسي نِهاري رستو پارِ ڪَجي.

هدايتون : ماستر شاگردن کي رستي پار ڪرڻ جا نيم ٻُڌائي ۽ رستي پار ڪرڻ جي نيمن بابت گفتگو ڪرائي. ساڳيءَ ريت ڪنڊڪٽرءِ مُسافرجي گفتگو ڪرائي.

(١) اَچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪَرِيُون.

١. ڳاڙهي ٻَتِيءَ جو مَطَلَبُ ڇا آهي؟
٢. سائي ٻَتِيءَ جو مَطَلَبُ ڇا آهي؟
٣. رَستي تي اَڇا پَٽا ڇو لَڳَلَ هوندا آهِن؟
٤. نارَنگِي ٻَتِيءَ جو مَطَلَبُ ڇا آهي؟

(٢) لَفَظَنِ جو صحيح سِلسِلو ٺاهي، جُملو لِکو.

١. پارِ ڪَرِ رَستو نہ.
٢. ٻَتِي هُجي نہ جِتي.
٣. ٻَتِي ٻَري ڳاڙِهي پِيئي.
٤. رَستو ڪَندڙَن پارِ آهن لاءِ.

---

# پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

ڏِسو. جاچيو ۽ پکيءَ کي آکيرو ڳولھڻ ۾ مَدَدَ ڪَرِيو ۽ طرفن بابت ڳالھ ٻولھ ڪريو.



# ١٧. ڪَسرَتَ

ٻڌو، اَداڪاريءَ سان ڳايو ۽ عَمَلَ ۾ آڻيو.



١. ڪَسرَتَ ڪَرِ تون مِنٽ ٻارَ
ڪَسرَتَ مان ٿِيَنِ لاڀَ هزارَ
ڪَسرَتَ سان ڪَرِ تون ياري،
ويجهي ايندي ڪِين بيماري.



٢. سَچي بَدَنَ ۾ ٿِي چُستي اَچي،
رڳ رڳ پيئِي پاڻَ نَچي،
ٿيندي ڪَسرَتَ پيٽَ ٻُڪِئي،
ڪَسرَتَ جا ڪو نيمَ سِکي.



٣. 'ڪَبَڏِي' 'ڪَبَڏِي' 'کوکو' کيڏو
'اِٽي ڏڪرُ' ڏي مَزو تو کيڏو
تَرَڻُ بہ آهي ڪَسرَتَ نِياري،
ڪَهڙِي بہ ڪَسرَتَ فائدي واري.

## (١) اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريُون.

١. بيت ۾ ڪهڙيُون رانديُون ڏنل آهِن؟
٢. ڪسرَت ڪرَڻ مان ڪهڙا فائدا ٿِيندا آهِن؟
٣. يوگ آسَنَ جا ٻہ نالا ٻڌايو.
٤. جيڪڏهن سرير چُستُ نہ رَهندو تہ ڇا ٿِيندو؟

## (٢) جوڙا مِلايو.

| ب | اَلف |
|---|---|
| ١) ڪسرَت نِياري | ١. ويجهي اِيندي |
| ٢) ڪين بيماري | ٢. سَڄي بَدَن ۾ |
| ٣) ٿِي چُستِي اَچي | ٣. تَرڪَّ بہ آهي |

## (٣) بيت جي آڌار تي ڪَريو.

(الف) هِڪ لَفَظ ۾ جَواب ڏِيو.

١. هِڪُ عَدَدُ ______ ٢. هِڪُ عضوو ______

٣. دوستيءَ لاءِ لَفَظُ ______

(ب) ١. خاڪو پورو ڪريو.

______ — رانديُون — ______

## (۴) هينين ورزش مان ڪهڙيُون دماغيِ ۽ ڪهڙيُون بَدني ورزش آهن؟

١. پَنڌُ ڪَرَڻُ
٢. سائيڪِل هَلائَڻُ
٣. ڊڪشنريءَ مان نوان لفظَ ڳولهَڻُ
۴. آکاڻين جا ڪِتاب پڙهڻُ

٥. ڪَنهِن بہ هِڪ راندِ بابتِ سوُچِنائوُن لِکو.

هدايتون : ماستر صاحب ڪسرت سان واسطو رکندڙ رنگين چِترگڏ ڪري شاگردن کي ڪسرت جا نمونا ڏيکاري ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. شاگردن کان وٺندڙ ڪسرت بابت پڇندو. روز ڪسرت ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.

# ١٨. ڪاجَلِ جو سُپَنو

پَڙهو ۽ ڳالهِه ٻولهِه ڪَريو.



ڪاجَلِ کي پَرِيُنِ جوُن آکاڻِيوُن ۽ ڳالِهيوُن ڏاڍِيوُن وَڻنڊِيوُن هُيوُن. هوُءَ پَرِيُنِ جا ناٽَڪ بہ ٽيليويزَنِ تي ڏِسَندي هُئي.

هِڪَ دَفعي هِڪَ پَرِي، ڪاجَلِ جي سامهوُن اَچِي ظاهِرُ ٿي.
پَرِيءَ کيسِ چَيو، ”گُهرُ جيڪي گُهرِڻو هُجيئِي.“

ڪاجَلِ پَرِيءَ کي ڏِسِي خوشِ ٿِي ويئِي. هُنَ چَيو، ”موُنکي پَنهِنجي لاءِ ڪُجهُہ نہ گُهرِجي. پَرَ موُنکي غريِبُ ٻارَنِ کي ڏِسِي ڏُکُ ٿِيندو آهي.“

پَريءَ پَنهنجي تاري واري لَڪِڙِي ڦيرائِي ۽ غَرِيبَنِ کي طعامَ ۽ نَوان وَڳا مِلِي وَيا.

ڪاجَلِ پوءِ چَيو، ”شَهَرَ ۾ هَرَهَنڌِ گَندَگِي آهي، اُن لاءِ مَهِربانِي ڪَرِي ڪُجهُہ ڪَرِ.“

پَريءَ وَرِي لَڪڙِي ڦيرائِي ۽ شَهرَ مان گَندَگِي غائِبُ ٿِي ويئِي. گَندَ جي جَڳهِيُن تي باغيچا ٺَهي وَيا. اُنهَنِ ۾ پِينگهه، گِسِڪِڻيُون ۽ ٻِيا رانديُن جا سامان اَچِي وَيا.

ڪاجَل ڏاڍو خوش ٿي ويئِي. هُنجي ڪَنَنِ تي، 'ڪاجَل ڪاجَل' لَفَظَ پِيا. هُنجي اَکِ کُلِي ويئِي. هوءَ سَمجهي ويئِي تہ مان سُپنو ڏِسِي رَهي آهِيان. هُن دِلِ ۾ چَيو تہ ڪاش! مُنهنجو سُپنو سَچُ ٿي وَڃي. ڪاجل اِهو سُپنو ماءُ کي ٻُڌايو. ماءُ کيس چَيو تہ پُٽَ، اِهو هِڪُ سُپنو هو. حَقيقَتَ ۾ اِهو سَڀُ حاصُلُ ڪَرڻَ لاءِ مِحنَتَ ڪَرِڻي پَوَندِي آهي.

(١) اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريون.

١. ڪاجَلِ کي ڇا وَڻَندو هو؟
٢. ڪاجَلِ ڪَنهِڙڪي ڏِسِي خوش ٿي ويئِي؟
٣. پَريءَ جي لَڪڙِي ڦيرائِڻَ سان غَريبُ ٻارَنِ کي ڇا مِليو؟

(٢) خالَ ڀَريو.

١. ڪاجَلِ پَريُنِ جا ناٽَڪَ .................... تي ڏِسنَدِي هُئِي.
٢. هِڪَ دَفعي هِڪَ ............... ڪاجَلِ جي سامُهُون اَچِي ظاهِرِ ٿِي.
٣. گَندَ جي جَڳهِيُنِ تي ................ ٺَهي وِيا.

(٣) عدَدَ بَدِلايو.

١. اَکِ   ٢. باغُ   ٣. سُپنو   ٤. آڪاڻِي

(٤) اَچو تہ سوچيون.

توهين ڪَهِڙا ڪَهِڙا سَپنا ڏِسندا آهيو؟ توهان پنهنجي وٺندڙ سپني بابت ٻُڌايو ۽ لِکو.

هدايتون : ماستر شاگردن کان هيءُ سبق پڙهائيندو. سُپنن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. اُهڙي نموني شاگردن کي ڪلپناتمڪ قِصو يا آکاڻي ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. سبق جي نوَن لفظن ۽ اِصطلاحن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏِسڻ لاءِ هِمٿائيندو.

# پاڻيءَ جِي اَهَمِيَت

ڏسو. جاچيو ۽ ٻُڌايو.



- چِترَ ۾ پاڻيءَ جو اُپيوگ ڪِهڙي ڪِهڙي نَمونَي ڏيکارِيَل آهي؟
- تَوهان پاڻيِءَ جو اُپيوگُ ڇا لاءِ ڪَندا آهِيو؟
- تَوهانجي گَهرَ ۾ پاڻيِ نہ اَچي تہ تَوهان کي ڪِهڙِي تَڪَليِفَ ٿِيندي؟

هدايت : ماستر شاگردن سان پاڻيءَ جي وسيلن ۽ بچت بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. پاڻيءَ جي بچت بابت چارپنج جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# ١٩. صُبح جو سئِرُ

بُڌو. اَداڪاري ڪَري پڙهو.







**رامچند :** پُٽَ دامنِي! تُوں تيار آهين؟ هاڻ صُبح جي سئِرَ تي هَلُوں!

**دامنِي :** ها بابا! مان بِلڪل تيار آهيان.

(ڏاڏو ۽ پوٽِي سئِرَ لاءِ نِڪرَن ٿا)

**دامنِي :** بابا ٻُڌو! اِهو مِنڙو آوازُ ڪِٿان ٿو اَچي؟

**رامچند :** ڏِسُ! مَٿي ڏِسُ! وَڻَ تي رَنگ بِرَنگي جِهرڪيِ ڏِسُ!

**دامنِي :** مُون کي صُبح جو وَقتُ تَمام سُٺو لَڳِي رَهيو آهي. ٿَڌي ٿَڌي هيرَ لَڳِي رَهي آهي. پَکيُن جا مِٺا آواز ٻُڌِي ۾ اَچِن ٿا.

**رامچند :** سِڄُ پَنهِنجي سَفَرَ تي نِڪرَندو آهي. مالهِي پَنهنجي ٻوٽَن جي سَنڀالَ ڪَندا آهِن. مَزدُورُ ۽ ڪارِيگَرَ پَنهِنجي ڪَمَن ڏانهن ويندا آهن.

**دامنِي :** ها بابا! ماڻهو نوڪرِيُن تي وَڃِي رَهيا آهِن. دوڪاندارَ پَنهِنجا دوڪان کولِي رَهيا آهِن.







**رامچند :** واهه دامِني! بِلڪُل صَحيح تي چوين. توُن ڏِيان سان سَڀُ ڪُجهه ڏِسي رَهي آهين.

**دامِني :** بابا! مان توهان کان ئي سِکي آهِيان. روزُ صُبح جو سئر ڪَرَڻَ سان بَدَنَ ۾ ڦُڙتي اَچي ٿي.

**رامچند :** پُٽَ! صُبح جو سئر ڪَرڻ مان گهڻيئي فائدا آهن. بَدَن چُست رَهي ٿو. اَهڙي وَقت دِل ۽ دِماغ ۾ سُٺا ويچار پيدا ٿِين ٿا.

**دامِني :** بابا! اَڄتي مان روزُ تَوهان سان سئِرَ تي هَلَندِس.



**هدايتون :** ماستر شاگردن سان صُبح يا شام جي سئر لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو. ماحول کي صاف سُٺرو رکڻ لاءِ هِمٿائيندو.

(۱) اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون.

۱. دامنيءَ ڪي صُبح جو وَقتُ ڇو وڻيو پيو؟
۲. صُبح جي سئِرَ مان ڪهڙا فائِدا آهِن؟

(۲) خالَنِ ۾ مُناسب لَفَظ لِکو.

۱. ٿڌي ٿڌي ...................... لڳي رَهِي آهي.
۲. سِڄُ پَنهِنجي ...................... تي نِڪرَندو آهي.
۳. روز صُبح جو سئِر ڪَرَڻَ سان بَدَنَ ۾ ................ اَچي ٿِي.

(۳) ساڳِي معنيٰ وارنِ لَفَظَنِ جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| مِنِٽُو | ڦُڙتي |
| چُستي | مِنو |
| بَدنُ | سئِرُ |
| سَفَرُ | جِسمُ |

(۴) جِنس بَدِلايو :

۱. پُٽُ ۲. ڏاڏو ۳. بابا ۴. پوٽي

(۵) توهِين ڪَڏهِنَ صُبح جي سئِرَ تي وَيا آهيو؟ اُن بابَتِ چار پَنج جُمِلا ٺَاهي ٻُڌايو ۽ لِکو.

(۶) سِڄُ ڪَهِڙي پاسي اُڀرندو ۽ لَهندو آهي؟

(۷) اَچو تہ سوچِيوُن.



۱. ڪِلاس ۾ سامهون ويٺي پاڻَ بابَتِ ٻُڌايو.
۲. ٽي-وِيءَ تي ٻُڌَلَ اِشتِهار هاوَ ڀاوَ سان ٻُڌايو ۽ لِکو.
۳. ڪِلاس ۾ مؤجوُد ڪَنهِن بہ شيءِ تي چار جُملا ٻُڌايو ۽ لِکو.

# ٢٠. گهڙِيالُ





بُڌو ۽ ڳايو.

ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ ڪَري گهڙِيالُ،
چَوي ٿو پَلِ پَلِ پاڻُ سَنڀالُ.

١. اِسڪوُل وَڃَڻَ لَئِہ، آفيِس وَڃَڻَ لَئِہ؛
راندِ ڪَرَڻَ لَئِہ، لِکَڻَ پَڙهَڻَ لَئِہ؛
چِتائي کِنَ کِنَ ٿو گهڙِيالُ؛
ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ .....

٢. هِڪُ هِڪُ مِنٽُ نَہ وَڃي اَجايو؛
نيڪُ ڪَمَنِ ۾ ڪَرِيوُن سَجايو؛
اَهڙِي نَصيحَت ڏِئي گهڙِيالُ؛
ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ .....



٣. اَگَرِ وَقَت کي دوسُت بَڻايوُن؛
ڪَڏهِنِ بہ دوکو اَسِين نہ کائوُن؛
رَهوُن سَدائِين سَڀُ خوشحالُ؛
ٽِڪ ٽِڪ ٽِڪ .....





## (۱) اَچو تـہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريُون.

۱. گهڙِيالُ اَسانکي ڇا جي سَنيالَ ڪَرَڻَ لاءِ چوي ٿو؟
۲. گهڙِيالُ اَسانکي ڪهڙيُن ڳالهيُن لاءِ چِتائي ٿو؟
۳. گهڙِيالُ اَسانکي ڪهڙي نَصيحَت ڏِئي ٿو؟

## (۲) وَقَت کي دوسِتُ بَڻائِڻ سان ڇا ٿِيندو؟

## (۳) هيٺين بيتَ جي سِٽُن ۾ خالَ ڀَريو.

۱. چَوي ٿو پَلِ پَلِ ................. سَنيالَ.
۲. چِتائي .................. ٿو گهڙِيالُ.
۳. اِهڙي .................. ڏِئي گهڙِيالُ.
۴. اَگَر ................ کي دوسِتُ بَڻايُون.

## (۴) همر آوازِي لفظ جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| ۱. پَل | لڪ |
| ۲. ٽِڪ | سڄايو |
| ۳. اَڄايو | اوکو |
| ۴. دوکو | جَل |

## (۵) ڏِسو. ڄاڻيو ۽ ڏِيان ۾ رکو.




**هدايتون:** ماستر شاگردن کي سُر ۽ تال سان هي گيت چئي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان شخصي يا گڏيل نموني چوارائيندو. ماستر ٻارن کي گهڙِيال جي شِڪل ڏيکاري، گهڙيال ۾ ڏِنل انگن ۽ ٽِنهي ڪانٽن جي چاڻ ڏيندي وقت ڪيئن ڏِسبو آهي، سمجهائيندو. اِهو جهائيندو ۽ بيت ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ڊڪشنري ۾ مان ڳولهڻ لاءِ همٿائيندو.

(٦) مُورتُون ڏِسو. جاچِيو ۽ وَقُتُ سُڃاڻي جوڙا مِلايو.



صُبح    شام    صُبح    راتِ    راتِ    شام



(٧) اَچو تہ سوچِيوُن.

١. ڪِهڙو وَقتُ وَڌيڪ اَهمِيَتَ وارو آهي؟

هَلَندڙ وَقتُ، گُذرِيَلُ وَقتُ، اِيندڙ وَقتُ

٢. ڪالَهہ توهان ڪَهِڙيُون سُٺيُون ڳالهِيُون ڪَيُون؟

پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

چِتر ڏِسي بيتُ پُورو ڪَرِيو.



هِڪَ هُئِي ....................................

ڪَٽي آئي ....................................

.................................... هُيَس توڪريءِ ۾

وِڪِٽي وِيني .................................... ۾

# ٢١. سالَ جا مَهِنا ۽ مُندُون

پڙهو ۽ ڌِيان ۾ رکو.







سالَ ۾ ٻارهان مَهِنا ٿِيندا آهن. چيٽُ، ويساکُ، جيٺُ، آکاڙُ، سانوڻُ، بَدو، اَسُو، ڪَتي، ناهَري، پوهُه، مانگهُه، ڦَڳُڻُ. اِهي سِنڌي مِهنَنِ جا نالا آهِنِ.

سَڄي سالَ ۾ پَنجَ مُندُون ٿِينديُون آهِنِ. بَهارَ جي مُندَ سَيني مُندُنِ جي راڻي آهي. هِنَ مُندَ ۾ وَڻَ ٽِڻَ ساوا ٿِيَنِ ٿا. باغَنِ ۾ گُلَ ڦُلَ ٽِڙَنِ ٿا ۽ پَکي مِٺڙيُون ٻوليُون ٻولينِ ٿا.

بَهارَ کان پوءِ اوُنهارو اَچي ٿو. هِنَ مُندَ ۾ سَخت گَرمِي ٿِئي ٿي. هِنَ مُندَ ۾ هَلِڪا ۽ سوٽي ڪَپڙا پائِبا آهِن. اوُنهاري کان پوءِ برساتِ جي مُندَ اَچي ٿِي. جَنهِنکي چؤماسو بہ چَئِجي ٿو. چؤماسي ۾ نَديوُن، ڍَنڍوُن ۽ تَلاءَ پَرجي ويندا آهِن. چؤڌارِي ساوَڪ نَظرِ ايِندي آهي. هِنَ مُندَ ۾ پوڪَ بہ جَهجهِي ٿِئي ٿي. بَرسات کانپوءِ سَرءُ جي مُندَ اَچي ٿي، جَنهِن ۾ گهِميَلَ هَوا لَڳي ٿي.

وَڻَنِ ۽ ٻوٽَنِ جا گُلَ ۽ پَنَ ڇَڻِجَنِ ٿا. مَڇَرَنِ ۽ خَرابُ پاڻيءَ سَبَبِ بيِماريوُن ٿِينِ ٿِيوُن. چؤماسي کانپوءِ سِياري جي مُندَ اَچي ٿي. هِنَ مُندَ ۾ اُترَ جي ٿَڌي هَوا لَڳي ٿي. اِنَڪري اَسين گَرمُ ڪَپڙا پائِيندا آهيوُن. هَرِ ڪَنهِن مُند کي پَنهِنجي اَهَميَتَ آهي.

---

**(١) اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريوُن.** 

١. سَچي سالَ ۾ ڪِهڙيوُن مُندوُن ٿِيَنِ ٿِيوُن؟

٢. سَيِني مُندُن جا نالا لِکو.

٣. سِياري ۾ ڪَهڙا ڪَپڙا پائِبا آهن؟

٤. چؤماسي جي مُندَ ۾ ڇا ڇا ٿِيندو آهي؟

٥. توهان پَنهنجي پَسندِ واري مُندَ بابَتِ ٻُڌايو ۽ توهانکي چو پَسندِ آهي؟

**(٢) عدَدَ بَدِلايو.**

١. مَهِنو ٢. مُندَ ٣. گُلُ ٤. ٻولِي ٥. ڍَنڍَ ٦. ڪَپڙا

**(٣) توهِين اَنگريزِي مَهِنا ٻُڌايو.**

---



**هدايتون:** ماستر شاگردن کي سال جي (اَنگريزي ۽ سِنڌي) مَهنن بابت ڄاڻ ڏيندو. مُندن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ مهنن ۾ ايندڙ ڏِڻن بابت ڄاڻ ڏيندو.

## (٤) گول ۾ ڏِنل شيون جاچيو ۽ مُندن مؤجب وِرهاسَت ڪَريو.

ڇَتي، سويٽَرُ، شالَ، سوتي ڪَپڙا، ريشم ڪَپڙا
اَڇي رَنگ جا ڪَپڙا، گهاٽي رَنگ جا ڪَپڙا
رينڪوٽ، دَستانا، جوراب

١. چؤماسو :

٢. اونهارو :

٣. سِيارو :



## پاڙ ڪَريان - پاڙ سِکان

هَرهِڪَ باڪِسَ ۾ هَرهِڪُ لَفظُ 'ن' سان شروع ٿِيندڙ آهي. اَهڙي نَموني ڏِنل ڄاڻ مؤجب چؤڪُندا پورا ڪَريو.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | ظ | | | | | |
| | ر | | | | | |
| ڙ | | نـ | | | | |
| | | ڪ | | | | |
| ي | | آ | و | | گ | |

١. ها جو ضِدُ ........................

٢. سِنگهَڻ جو حَواسُ ........................

٣. بازَ جي ........................ تيز هوندي آهي.

٤. اَسان کي ڪَنهِن سان بہ ........................ نہ ڪَرڻُ گُهرجي.

٥. ناچ ڪَندڙ ........................

٦. 'نَمستي' لاءِ ٻِيو لَفظُ ........................

٧. نَگرَ ۾ رَهندڙ ........................

# ٢٢. ڀڳت ڪَنوَررام

پڙهو ۽ لِکو.



سَنت ڪَنوَررام جو نالو اَسان سِينِي ٻُڌو آهي. هِن جو جَنَمُ سِنڌ جي جرواړ ڳوٺ ۾ ٿِيو هو. هِن جي ماءُ تيِرٿ ٻائي ۽ پِتا تاراچَند هو. ڀڳت ڪَنوَررام جو آواز تَمام مِٺو هوُندو هو. هِنَ جي راڳَ ۾ رَسُ هو. هزارين ماڻهوُ هُنَ جو راڳُ ٻُڌَڻ ايندا هُئا ۽ راڳَ تي جهوُمندا هُئا. ڀَڳَت ڪَنوَررام جي دِلِ ۾ ذَرو بہ لوڀُ ڪونہ هو. ڪيسِ ڪيتِريوُن ئي قِيمَتي شَيوُن مِلَنديوُن هُيوُن. هوُ ڪابہ شيءِ پاڻَ وَٽِ ڪونہ رکندو هو. سَڀُ غرِيبَنِ ۽ گُهرجائُنِ کي ڏيئِي ڇَڏِيندو هو. اِهڙو دَيالوُ هو ڀَڳَتُ ڪَنوَررام.

## (١) اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪريُون.

١. پيڳَت ڪنوَرام جي ماتا جو نالو - 

٢. پيڳَت ڪنوَرام جي پِتا جو نالو - 

٣. هَزارين ماڻهوَ ڇا ٻُڌَڻ ايِندا هُئا؟ - 

٤. پيڳَت ڪنوَرام جو آواز ڪيئَن هو؟ - 

٥. پيڳَت ڪنوَرام جو جَنَمَ اِستان - 

## (٢) سَبَق مان لَفظَنِ سان لاڳاپو رکندڙ لَفَظ ڳولهي لِکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. گيت | | ٢. لالچ | |
| ٣. اَمُلهہ | | ٤. ڏياوان | |

## (٣) برئڪيٽ مان صَحيح لَفظُ چُونڊي چوَڪُنڊي ۾ لِکو.

١. ڪنوَرام - (نالو، رِشتو)

٢. مِتو - (ڪِتابُ، آواز)

٣. هَزار - (عَدد، دَروازو)

٤. ماءُ - (رِشتو، گهرُ)

٥. ڏيالوُ - (سُپاءُ، بوتَل)

## (٤) اَچو تہ سوچِيوُن.

مَهاراشٽر جا ڪهڙا سَنتَ مَشهوُر آهن؟ ڪنهن بہ هِڪَ سَنتَ بابَتِ وَڏِن کان پُڇِي ٻُڌايو.

**هدايت :** ماستر پيڳت ڪنورام بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو ۽ ٻين سنتن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو ۽ شاگردن کان ننڍن جملن جي صورتخطي ڪرائيندو.

(٥) هيٺ ساز ڏِنَل آهِن، چوڪنديءَ مان صَحيح ساز جو نالو سُڃاڻي لِکو.

باجو (هارمونِيَم)، تانپورو، شَهنائي، بانسُري، سِتارُ گِٽارُ













## اَچو تہ کِلون.



راجيش : مَمي جنم ڏينهن تي مان توکي آرسي ڏيندُس.

مَمي : اَڙي راجيش، پَرَ اَسان وٽ آرسي آهي نہ!

راجيش : اَڙي مَمي، اُها اَڄ مُنهِنجي هٿان ئي ٽُٽي نہ.

# ٢٣. ڪِتابَ - پَندار

پَڙهو ۽ عَمَل ۾ آڻيو.






پارت وَٽ هِڪُ سُنو آکاڻِين جو ڪِتابُ هو. اُهو ڪِتابُ هِن اِسڪوُل جي لائبرريءَ مان وَرِتو هو. هِڪَ ڏينهُن اِسڪوُل ۾ هوُ ڪِتابُ وِساري آيو. ٻِئي ڏينهن اِسڪوُل ۾ سَندس ساهيڙِي گيتا مِلِي ۽ پارت کي چيو، ”توُن ڪالهَ اِهو ڪِتابُ ديسڪِ مَٿان ڇَڏِي ويو هُئين.

**پارت** : گيتا، مِهرباني. توُن ڪِتابُ سَنڀالي رِکيو.

**گيتا** : توُن ڪِتابُ روز پَڙهَندو آهين؟

**پارت** : ها، موُنکي اِسڪوُل جي ڪِتابَن کانسواءِ ٻِيا بہ ڪِتابَ پڙهَڻُ وَڻَندا آهِن. ڪالهَ مان ’بَچِت‘ بابت آکاڻِي پَڙهِي. هَرِهڪ آکاڻِيءَ مان نَصِيحَت مِلندِي آهي.

**گيتا** : ڇا توُن اِهو ڪِتابُ موُنکي ڏيندين؟

**پارت** : اِسڪوُل لائبرريءَ ۾ ٻِيا بہ سُٺا ڪِتاب موُجوُد آهِن، توکي مِلِي سَگهندا.

**هدايتون:** ماستر شاگردن کان ڪِتاب پڙهڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. گهر ۾ هوُندڙ ڪتاب اِسڪول ۾ ڪٿي اَچِي هِڪ ٻئي سان بدل سدل ڪري پڙهڻ لاءِ هِمٿائيندو. اُهي ڪتاب اِسڪول ۾ گَڏ ڪري رکي پڙهڻ لاءِ هِمٿائيندو.



# اَچو تہ سوچِيُون

(۱) ’سوجِهہ ٻوجِهہ‘ هِڪُ ٻِتو لَفَظُ آهي. هيٺ ڏِنل لَفَظَنِ ۾ ٻِٽي لَفَظَ لاءِ ☑ لِکو باقِي لَفَظَنِ لاءِ ☒ لِکو.

| | | |
|---|---|---|
| روٽِي ٻوٽِي ☐ | سوُٽ ٻوُٽ ☐ | لال وال ☐ |
| ڳالهِہ ٻولهِہ ☐ | گِهٽو تَٽو ☐ | نام ڪام ☐ |
| راڳ واڳ ☐ | دان پُڇ ☐ | پاٽي ٻاٽي ☐ |
| ايڪڙ ٻيڪڙ ☐ | اُٺُ ويهڻُ ☐ | ڪادِ وادِ ☐ |
| سُڪِيو سَتابو ☐ | چَندَ قوُڪ ☐ | داڙو پاڙي ☐ |
| آس پاسِ ☐ | اوڙو پاڙو ☐ | سُکُ دُکُ ☐ |

(۲) چوُڪُنڊي ۾ ڏِنل لَفَظَ آئيويِتا جي سِلسِلي موُجِب لِکو.

بَدَڪ، گهوڙو، ڪَبَٽُ، وَڻُ، راجا، پَنکو، دَروازو، هاٿِي،
ميڻ بَتِي، تارو، ڪَٽ، قِيٺو، سِليٽ، لَڪُڻُ، صوُف، پِٽ

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .۱ | | .۲ | | .۳ | | .۴ | |
| .۵ | | .٦ | | .۷ | | .۸ | |
| .۹ | | .۱۰ | | .۱۱ | | .۱۲ | |
| .۱۳ | | .۱۴ | | .۱۵ | | .۱٦ | |

# پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

مثال سَمجهِي صَحيح لَفظَ مَٿان گول پايو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مثال : | فڪِير | فقِير | ڦڪِير |
| ١. | مضبوط | مضبوت | مذبوت |
| ٢. | ڦائدو | فائدو | ڦائڌو |
| ٣. | عزت | ازت | عزط |
| ٤. | سبڪ | صبق | سبق |
| ٥. | زيتون | ذيطون | ذيتون |
| ٦. | جهاز | جهاج | جهاذ |
| ٧. | فقر | ققژ | فقژ |
| ٨. | سندوق | صندوڪ | صندوق |
| ٩. | قلم | ڪلم | ڪلئم |
| ١٠. | متلب | متلپ | مطلب |

# لَفظِي راندِ

ڏِسو، جاچيو، چرچا ڪريو ۽ پڙهايو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| حدا | خدا | جدا | | | |
| ٮس | سُپ | سَت | سُٿ | | |
| اٮ | اُٿ | اُپ | اُٺ | | |
| ٮٮر | پير | ٻيڙ | تير | تيز | |
| ٮار | بار | ٻار | يار | تار | باز |

اَهڙي نَمونَي نُقطا ڏيئِي لَفظَ ٺاهي لِکو.

١) ٮال

٢) ٮاح

٣) ٮواٮ

٤) ٮل

٥) اح

٦) ٮٮ

# ڪاغَذَ جِي ٿيلهِي

ڏِسو. جاچيو ۽ ناهِيو.







**ڳُهربل سامان:** رنگين چارٽ پَنا، ڪئنچِي، ڪوئنر، سَنهرِي رنگِين رِبن، رنگ برنگِي سِپون، اِسڪيچ پينون.

## ڪاغَذَ جِي ٿيلهِي تيار ڪَرَڻ جِي رِيت:-

١. ڪَنهِن بہ ماپَ جو وَڏو مُستطِيل آڪار جو چارِٽ پَنو ڪَٽو.

٢. پَني کي وِچَ تي موڙِيو.

٣. پَني کي هيٺيان ۽ مٿان ٿورو موڙي، موڙِيَل ڀاڱي کي ڪوئنرِ سان چِنبڙايو.

٤. موڙِيَل پَني جا ٻَئِي هيٺيان ۽ پاسي وارا حِصا ڪوئنرِ سان پاڻ ۾ چِنبڙايو.

٥. شَڪَل ۾ ڏيکاريَل موُجب وَڏِن جي مَدَدَ سان پَني جي ڪُليَل ڀاڱي ۾ ٽُنگ ڪَرِيو.

٦. ٻِنهِي ٽُنگَنِ ۾ رَنگِين رِبن وِجهِي اَندرئين پاسي ڳَنڍِ ٻَڌو.

٧. ڪاغَذَ جِي ٿيلهِيءَ کي سُهِڻو ۽ وڻندڙ ٺاهِڻَ لاءِ هيٺين پاسي ڪُنڊُنِ کان ۽ ٽُنگَنِ وَٽ سِپوُن لَڳايو.

٨. توهِين وِچ تي اِسڪيچ پين سان سُهِڻا گُل يا ڊِزائين ڪَڍو.

٩. هاڻي تيار آهي ڪاغَذَ جِي ٿيلهِي.

---

**هدايت:** ماستر شاگردن کي ڪاغذ جي ٿيلهي پاڻ ناهي سيکاريندو.

# ٢٤. مُنهِنجِي اَمَڙِ

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



١. مُونکي ڪَنهِن تي ڪيرُ پيارِيو؟
پيارَ مَنجهان تي گودِ وهارِيو،
خُوشِ تي هَرَ هرَ مُون ڏي نِهارِيو،
مُنهِنجِي اَمَڙِ مُنهِنجِي اَمَڙِ.



٢. ننڊَ ڦِٽي مُون جَڏهِن تي پيئي،
ڪَنهِن تي سُمهارِيو لولِي ڏيئِي؟
ڇَڏي نَہ مُونکي ڪيڏانهَن ويئِي،
مُنهِنجِي اَمَڙِ مُنهِنجِي اَمَڙِ.



٣. پَنڌُ ڪَندي جي ڏِڪو ڪاڏُمِ
ڪَنهِن ڪَٽِي تي چاتِيءَ لاتُمِ؟
پيارَ مَنجهان تي پاڪُرُ پاتُمِ
مُنهِنجِي اَمَڙِ مُنهِنجِي اَمَڙِ.

هدايتون : شاگردن کي گڏيل نموني اَداڪاري ڪري بيت چَوارايو. شاگردن کان بيت تي چا، ڪير، ڪڏهن، ڪٿي وغيره تي سوال پُڇو. ماستر نئون بيت ڳاهڻ لاءِ هِمٿائيندو. اِنٽرنيٽ ذريعي اَهڙا ٻيا گيت ٻڌڻ لاءِ چوندو.

(١) اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪَرِيُون.

١. ٻارَ ڪي گودِ ۾ ڪَنهِن وِهاريو؟
٢. نِنڊَ ڦِٽَڻَ تي ماءُ ڇا ڪَيو؟
٣. ٻَنڌُ ڪَندي ڪَنهِن ڏِڪو ڪاڏو؟
٤. توهانجِي اَمڙ توهانکي ڪَهِڙا ٽولَ ڏِيندِي آهي؟

(٢) هم آوازي لفَظَن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| ١) لاٽُمِ | ١. ويئي |
| ٢) پيارو | ٢. وير |
| ٣) ڏيئي | ٣. پاٽُم |
| ٤) ڪير | ٤. وهاريو |

(٣) هيٺ ڏنل بيان ۾ خال پريو.

١. مُنهنجي ماءُ جو نالو ........................ آهي.
٢. روز ........................ جو مونکي هوءَ اُٿاريندي آهي.
٣. صبح جو مونکي کائڻ لاءِ ........................ ڏيندي آهي.
٤. مونکي پڙهڻ ۾ ........................ ڪندي آهي.

(٤) ”مُنهنجِي ماءُ“ بابت پَنجَ جُمِلا لِکو.

(٥) ٽُڪرُ ڌيان سان پڙهو ۽ سوالن جا جَواب لِکو.

پَنهِنجا اُهي اَکر جيڪَڏهِن سُٺا هوندا تہ سَيني کي وڻندا. صافُ ۽ سُهِڻا اَکر پَنهِنجِي سُٺي عادَت ڏيکارين ٿا. اُهي پَڙهڻَ ۾ بہ چڱيءَ طرحَ اِيندا آهِن ۽ اَسانکي شاباسِي بہ مِلَندي آهي.

(الف) ڪَهِڙا اَکر پَنهِنجِي سُٺي عادَت ڏيکارِين ٿا؟
(ب) عدد بَدِلايو: عادَت، اَکرُ

(٦) اَچو تہ سوچِيُون.



چوکُنڊي مان مُناسِب لَفَظ کِڻي بيتُ پُورو ڪَريو.

| |
|---|
| دِرياھ، مِحنَت، سَئِرُ مَزوُرِي |

١. ٻيڙِيءَ وارا ............ ڪَراءِ. ٢. ............. جي ڪا موُج وَنائي.
٣. توکي ڏِيندس ............ پوُرِي. ٤. رَنَڊُس تُنهنجِي ڪانہ .............

**نمستي ٻارو!**

جيڪڏهن توهانکي ٺيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.

٢. اُن کي ٻُڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.

٣. توهان نئشنل ڪميشن فار پروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻُڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ”خراب“ نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هِي ٻَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا
مُنجهيل يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار .............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!




چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فرِي
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهِي آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn

# राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र, माझा गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।

महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

बालभारती इयत्ता दुसरी (सिंधी माध्यम)

₹ 64.00